# سرسو

ٻهراڙي جي ترقي ۾ اوهان جو مددگار ادارو

جنوري - ڊسمبر 2021ع



مک موضوع

## ڪاروبار جي ترقي ۽ سرسو





سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## سرسو جو خواب

پنڌي پيل ڪميونٽين کي خاص طور تي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڏسڻ ۽ روين جي تبديلي ذريعي سرگرم ڪميونٽي تنظيمن جوڙڻ ۾ مدد ڪرڻ تہ جيئن آزادي سان ماڻهن جي صلاحيتن ۽ راضپي سان غربت جو  خاتمو ڪري سگهن.

## سرسو جو نصب العين

غربت کي شڪست ڏيڻ واري للڪار کي منهن ڏيڻ ۽ غريبن کي غربت جي لڪير کان مٿي آڻڻ  ۽ هڪ معياري زندگي گذارڻ ۾ سهڪار ڪرڻ. پوئتي پيل ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي زندگي جي معيار ۾ تبديلي آڻڻ لاءِ پنهنجي مدد پاڻ هيٺ صلاحيت اجاگر ڪرڻ.

## سرسو جا مقصد

- سنڌ ۾ غربت جي خاتمي لاءِ ماڻهن جي  صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ ۽ راضپي کي اُڀارڻ.
- پاڪستان حڪومت جي غربت ختم ڪرڻ واري پاليسي کي ڪامياب ڪرڻ لاءِ ٻانهن ٻيلي ٿيڻ.
- سنڌ حڪومت جي غربت گهٽائڻ واريون حڪمت عمليون عمل ۾آڻڻ وارين ڪوشش ۾ مدد  ڪرڻ ۽ مضبوط ڪرڻ.

اهي ماڻهون جيڪي الله تي يقين رکن ٿا ۽ معاشري جي ڀلائيءَ جا ڪم ڪن ٿا، انهن لاءِ انعام آهي (القران)

ڳـنـڍا مـون ڳـيـرَنِ ۾، تـوڙيـي لَـڪَ لَڳَـنِ؛
آڳُرِ آڱـوڻـي نـه مِـڙيِ، ڇِـڀُـون ڇـيـرَ ڇـڻَـنِ؛
ويـنـدي ڏانـهـن ڀِـرِيَـنِ، جُـتِـي جـاتِ نـه پـائِـيـان.
شاهه لطيف

چهه ماهي
# سرسو
ميگزين

جنوري - ڊسمبر 2021ع


**ايڊيٽر**
نويد اسحاق ميمڻ

**اسسٽنٽ ايڊيٽر**
علي انور آزاد

**ايڊيٽوريل بورڊ**
غلام رسول سميجو
نياز احمد هنگورو
شازيه زبير
زبير سومرو
حفيظ بوزدار
عبدالمنان چاچڙ
بابر جاگيراڻي

**ڪمپوزنگ ۽ لي آئوٽ**
بخت علي ابڙو

**فوٽوگرافي**
محمد حنيف هنگورو



**رابطي لاءِ ڏس پتو**
مانيٽرنگ،ايويليشن ۽ ريسرچ يونٽ
سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس ، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)
فون: 071-56271820
فيڪس: 071-5627182-111
ويب سائيٽ: www.srso.org.pk
اِي ميل: info@srso.org.pk



**ڇپيندڙ**
فائن پيپر مارٽ، سکر (سنڌ)


## فهرست


- ايڊيٽر پاران ______ 2
- چيف ايگزيڪيوٽو آفيسر جو پيغام ______ 3
- ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه: رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ چيئرمين محترم شعيب سلطان خان جو دورو ______ 4
- مُک موضوع: ڪاروبار جي ترقي ۽ سرسو ______ 10
- سرسو عمل ۾: عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام  حڪومت سنڌ  سکر ۾ گهوٽڪي افتتاحي تقريب ______ 16
- تعليم ۽ تربيت: ڪاروبارجي ترقي بابت بنيادي اصطلاح ______ 26
- سرسو جي سرگرمين جون تصويري جهلڪيون ______ 29
- ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون ______ 34
- ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف ______ 44
- ٻيو رُخ: پائدار ترقي جا مقصد ۽ سنڌ ______ 46
- پينل انٽرويو: محترمه شهناز ڪپاڊيا ______ 48
- سرسو ۽ ميڊيا ______ 54
- سرسو جي پُهچ ۾ اهم ڪاميابيون ڊسمبر 2021 ______ 60



هيڊ آفيس: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)
سرسو ڪامپليڪس، شڪارپور روڊ، سکر (سنڌ)

# ايڊيٽر پاران

سرسو سنڌي ميگزين شايع ڪرڻ جو بنيادي مقصد ڪميونٽي ادارن جي صلاحيت سازيءَ کي اجاگر ڪرڻ ۽ سرسو جي اهم ڪاميابين ۽ سرگرمين بابت آگاهي ڏيڻ آهي. ان لاءِ هر شماري ۾ سرسو جي مکيه شعبن ۽ پروگرامن جي جائزي سان گڏوگڏ ڪميونٽي ادارن جو تعارف، سندن پاران ڪيل ڪم ۽ ڪامياب ڪهاڻين کي بهتر طور تي سهيڙي ۽ ورتل اُپائن بابت اهم معلومات پڻ ڏني ويجي ٿي.

هي شُمارو خاص طور تي بزنس ڊولپمينٽ گروپس جي حوالي سان تيار ڪيو ويو آهي. سرسو ڪاروبار جي واڌاري ذريعي ٻهراڙي جي عورتن جي معاشي خوشحالي ۽ غربت جي خاتمي لاءِ ڪم ڪري رهي آهي. ان مقصد لاءِ گڏيل ڪاروباري گروپ جوڙڻ ۽ انهن جي صلاحيت سازي ۽ منافعي بخش ڪاروبار ڪرڻ تي زور ڏنو پيو وڃي. ان ڪري محسوس ڪيوسين ته هن اهم موضوع تي خاص شمارو ڪڍيو وڃي.

هن شُماري ۾ ڪارباري ترقياتي گروپن (Business Development Groups) ۽ انفرادي طور تي ڪاروباري عورتن (Entrepreneur women) پاران شروع ڪيل منافعي بخش ڪاروبارن جي ڪيس اسٽڊيز مان بخوبي اندازو لڳائي سگهجي ٿو، ته ادارو ان حوالي سان ڪهڙو ۽ ڪهڙي سطح تي ٻهراڙي جي غريب عورتن سان ڪم ڪري رهيو آهي. ان کان علاوه شماري ۾ ڪاروبار جي دنيا کي سمجهڻ لاءِ بنيادي اصطلاح ۽ ان جي وضاحت پڻ ڏني وئي آهي ته جيئن سرسو جا ڪميونٽي ادارا توڙي ڪاروباري گروپ ۽ عورتون آساني سان سمجهي پنهنجي ڪم کي بهتر بڻائي سگهن. ڪميونٽي ادارن جو تعارف به شماري جو حصو آهي.

ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه ۾ لونگ ليجنڊ محترم شُعيب سلطان پاران سرسو جي دوري ۽ سرڪاري عملدارن ۽ عورت ڪارڪنن سان ڪيل ٻولهه شامل آهي. جڏهن ته سرسو عمل ۾ پي پي آر پي گهوٽڪي ۽ سکر جي افتتاحي تقريب جي تفصيلي روئداد شامل آهي. جنهن جو افتتاح محترم بلاول ڀٽو زرداري ۽ محترم سيد مراد علي شاهه ڪيو

شماري ۾سرسو - ڪميونٽي ادارن جي ڪارڪنن جي رهنمائي ۽ سماجي- ڪاروبار جي ترقي ۽ واڌ ويجهه ۾ بنيادي ڪردار ادا ڪندڙ هڪ اُستاد ۽ ماهر جو انٽرويو پڻ شامل آهي. جڏهن ته ٻيو رُخ ۾ پائدار سماجي ترقياتي مقصد ۽ سنڌ جي عنوان سان جائزو پڻ پيش ڪيو ويو آهي. سرسو ميڊيا واري حصي ۾ شامل خبرن مان سرسو جي ڪم ۽ اثرن جو اندازو لڳائي سگهجي ٿو.

اسان کي توهان سڀني پڙهندڙن ۽ مهربانن جي راين ۽ تجويزن جو انتظار رهندو.

تورائتو

**نويد اسحاق ميمڻ**

سينيئر مئنيجر ايم اِي آر

سرسو

# چيف ايگزيڪيٽو آفيسر جو پيغام

غربت جو خاتمو هڪ پيچيده عمل آهي. جيڪو هڪ وبائي بيماري جيان اسان جي سماج کي سخت متاثر ڪري رهي آهي ۽ سماجي ترقي ۾ سڀ کان وڏي روڪاوٽ بڻيل آهي. ان ڪري ان جي خاتمي لاءِ گهڻ پاسائو، گڏيل ۽ فني بنيادن تي سوچڻو ۽ عمل ڪرڻو پوندو. سرسو ٻهراڙين جي آبادي جي سماجي – معاشي ترقي ۽ خوشحالي لاءِ گڏيل ۽ پائدار بنيادن تي سرگرم عمل آهي. ان خيال کي ذهن ۾ رکندي سرسو غربت جي خاتمي لاءِ پنهنجي حڪمت عملي کي ترتيب ڏيندي رهندي آهي ۽ سماجي تحرڪ، ڪميونٽي ادارن جي قيام ۽ انهن جي صلاحِيت سازي سان گڏوگڏ پائدار بنيادن تي غربت کي گهٽائڻ ۽ ٻهراڙيءَ جي عورتن کي پاڻيرو ڪرڻ جي مقصد سان 2003 کان ڪم ڪري رهي آهي.

ڳوٺاڻي ترقي جو مقصد ڪاروبار جي واڌاري ڪانسواءِ ممڪن ناهي. ڳوٺاڻي غربت ۽ بيروزگاري جي گهٽتائي لاءِ ڪم ڪرڻ جي سخت ضرروت آهي. ڳوٺن ۾ وسيلا گهٽا آهن، انهن کي صحيح طرح سان استعمال ۾آڻڻ لاءِ رٿا بندي جي ضرورت آهي. ان ڪري سرسو پاران ڪاروباري ترقياتي گروپ ((Business Development Groups) جوڙڻ، ڪاروبار جي ترقي تي تربيت مهيا ڪرڻ، مارڪيٽ تائين رسائي ۽ گڏيل طور ڪاروبار ڪرڻ لاءِ مالي وسيلا فراهم ڪري رهي آهي. اسين سمجهون ٿا تہ ڳوٺاڻي آبادي ۾ ڪاروبارن جي واڌاري ۽ ترقي جي ذريعي ئي بيروزگاري ۽ غربت ۾ گهٽتائي آڻي سگهي ٿي. ان لاءِ هر سطح تي ڀرپور انداز ۾ ڪوششون ڪري رهيا آهيون. ان عمل ۾ سرسو کي ڪافي ڪاميابيون پڻ مليون آهن. جنهن جي مڃتا حڪومتي سطح تي پڻ ڪئي پئي وڃي.

سرسو پاران جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (بي ڊي جيز) کي تربيت سان گڏوگڏ بغير وياج قرض جي فراهمي، ڪاروبار جي سڃاڻپ، پلان ناهڻ، عمل ڪرڻ توڙي مارڪيٽ تائين رسائي ۽ رابطاڪاري جي حوالي سان بہ ڪم ڪري رهي آهي.

ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ ٻهراڙين ۾ رهندڙ عورتن لاءِ ڪاروبار جي واڌاري سان لاڳاپيل سڀني ڌرين کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو تہ جيئن ان لاءِ هڪ سازگار ماحول جوڙي سگهجي.

توهان جي ترقي جي سفر جو ساٿي

**محمد ڏتل ڪلهوڙو**

چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

سرسو

### ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

# چيئرمين رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ محترم شعيب سلطان خان جو دورو

## سرڪاري آفيسرن جي مطالعاتي وفد ۽ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن سان ڳالهه ٻولهه ۽ سرسو ڪارڪنن جي ميجتا ايوارڊز تقريب ۾ شرڪت

سرسو هيڊ آفيس سکر/ نومبر 23، 2021ع

نعمت الله ساوند (اسسٽنٽ مئنيجر ايم اِي آر- پي پي آر پي سرسو )
سرسو هيڊ آفيس سکر

چيئرمين رورل سپورٽ پروگرامز نيٽ ورڪ (آر ايس پي اين) محترم شعيب سلطان خان سرسو هيڊ آفيس سکر جو دورو ڪيو ۽ سنڌ حڪومت پاران عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program-PPRP) جي مطالعاتي دوري تي آيل پهرين ايم سي ايم سي ڪورس جي عملدارن سان منعقد ڪيل ورڪشاپ ۾ شرڪت ڪئي. ورڪشاپ ۾ ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن پڻ شرڪت ڪئي ۽ پنهنجا تجربا ۽ خيال ونديا. هي ورڪشاپ سرسو ڪمپليڪس سکر ۾ منعقد ڪيو ويو. پاڻ ان موقعي تي ڪميونٽي ادارن جي اڳواڻ عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ سرسو خيرپور آفيس جي ڪارڪنن ڪي بهتر ڪارڪردگي تي ميجتا ايوارڊ پڻ ڏنا ويا. چيئرمين آر ايس پي اين تفصيل سان آيل سرڪاري وفد سان ڪميونٽي ادارن پاران پي پي آر پي مان حاصل ڪيل ڪاميابين ۽ تجربن بابت ڳالهه ٻولهه ڪئي. جنهن جومختصر ذڪر ڪجي ٿو.



# ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

## سرسو جي مطالعاتي دوري تي آيل سرڪاري عملدارن جي وفد سان ورڪشاپ

ورڪشاپ ۾ مطالعاتي دوري تي آيل 28 سرڪاري عملدارن محترم شعيب سلطان خان اڳيان خيرپور ضلعي ۾ سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) جي ڪيل فيلڊ وزٽ جا مشاهدا پيش ڪيا. 5 مختلف گروپن ۾ ورهايل مطالعاتي دوري تي آيل



عملداران 5 مختلف يونين ڪائونسلن ۾ قائم لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جي ڪم کي ڏٺو، ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان گڏجاڻيون ڪيون، پروگرام تحت ڪيل ڪم ڏٺا ۽ فائدو حاصل ڪندڙن جون ڳالهيون ٻڌيون. وزٽ جي بنياد تي گروپ جي شڪل ۾ تيار ڪيل اهم مشاهدا، تجزيا ۽ سفارشون پيش ڪيون. گروپ اڳواڻن ۾ محترم شوڪت علي (ايل ايس او رسول آباد يو سي رسول آباد تعلقو سوڀو ديرو)، محترمه سارا مرتضيٰ (ايل ايس او پيڳرو يو سي پيڳرو تعلقو ڪوٽ ڏجي)، سيد مهدي شاهه (ايل ايس او فتح پور يو سي فتح پور تعلقو ڪوٽ ڏجي) ، سيده عُروج فاطمه (ايل ايس او راضي ديرو يو سي راضي ديرو تعلقو گمبٽ) ۽ محترم محمد يوسف (ايل ايس او راهوجا يوسي راهوجا تعلقو ڪنگري) شامل هئا. سيني سرسو جي سماجي تحرڪ، منظم ڪيل ڳوٺاڻي عورتن، جوڙيل تنظيمن، انهن جي صلاحيت سازي ۽ عورتن جي زندگي تي پوندڙ اثرن کي ساراهيو. شرڪتڪارن سرسو پاران سنڌ حڪومت جي تعاون سان هلندڙ ڪم ۽ معاشي سرگرمين جي به تعريف ڪئي. انهن ڪميونٽي ادارن جي پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪيل ڪوشش جهڙوڪ: جاڳرتا، شناختي ڪارڊ ٺهرائڻ، ووٽن جي رجسٽريشن، مختلف ويڪسين ۽ ٻارن جي اسڪول ۾ داخلا مُهمن کي ساراهيو. انهن سيني عورتن جي سجاڳي، ترقي جي عمل ۾ شرڪت، ڪم ڪرڻ جي جذبي ۽ همت کي مڃيو جنهن جي ڪري ڳوٺن جي سماجي- معاشي تبديلي ۽ ترقي ۾ واضع فرق آيو آهي.

وفد فيلڊ ۾ پي پي آر پي تحت تعمير ٿيل گهٽ لاڳت وارا گهر پڻ گهمي ڏٺا ۽ چيو ته پروگرام جي بدولت غريب خاندانن کي پنهنجي گهر جهڙو بنيادي حق ۽ سهولت ملي آهي.پروگرام جي ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ، ڪاروبارن جي ترقي ۽ هنري سکيا ذريعي شروع ڪيل معاشي سرگرمين جي تعريف ڪئي ۽ چيو ته انهيءَ عملي اپائن سان ٻهراڙيءَ ۾ غربت گهٽائڻ ۾ مدد ملندي. سنڌ حڪومت پاران آيل وفد جي ميمبرن پنهنجن مُشاهدن ۾ تسليم ڪيو ته ڳوٺاڻين عورتن ۾ اڳواڻي ڪرڻ، ترقياتي منصوبن جي نشاندهي ڪرڻ، منصوباسازي ڪرڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ ۽ غربت گهٽ ڪرڻ جي لاءِ ڪاروبار ڪرڻ جي صلاحيت موجود آهي ۽ اهي سڀ ڪم بهتر طريقي سان ڪري به رهيون آهن. حڪومتي وفد اهو به تسليم ڪيو ته سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن حقيقي طور تي ٻهراڙيءَ وارن علائقن ۾ تمام گهٽي مشڪلاتن باوجود



## ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

عورتن کي بااختيار ڪري رهي آهي.
ان موقعي تي گروپ جي اڳواڻن سرسو ۽ سنڌ حڪومت پاران پي پي آر پي جي ڪم کي اڃان وڌيڪ بهتر ڪرڻ لاءِ ڪجهه اهم شفارشون پڻ پيش ڪيون. انهن چيو ته ”جوڙيل ڪميونٽي ادارن کي غربت گهٽائڻ ۽ ترقياتي پروگرام جي منصوباسازي، عمل ڪرڻ ۽ جائزي واري عمل ۾ شامل ڪيو وڃي، ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ جي رقم ۾ اضافو ڪيو وڃي ۽ ضرورتمند عورتن ۽ نوجوانن تائين پهچ کي يقيني بڻايو وڃي. جديد ڊجيٽل مارڪيٽنگ لاءِ ڪوششون ورتيون وڃن ته جيئن ڳوٺاڻي ڪاروباري عورتن جي قومي ۽ عالمي مارڪيٽ تائين رسائي ممڪن ٿي سگهي ۽ ڪاروباري عورتن جي بهتر تربيت ۽ پاڻ ۾ رابطاڪاري واري ڪم کي جاري رکيو وڃي.“ انهن اها به شُفارش ڪئي ته سي آءِ ايف ۽ ٻين مالياتي وسيلن جو ڪجهه حصو ڳوٺاڻي سطح تي اسڪول ۽ صحت جي سهولتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ به رکيو ۽ استعمال ڪيو وڃي.

محترم شُعيب سلطان خان ورڪشاپ جي آخر ۾ پنهنجا مشاهدا ۽ تجربا ٻڌايا ۽ چيو ته ”ڪو شڪ ناهي ته ڪم کي اڃان بهتر ڪرڻ لاءِ توهان جا پيش ڪيل مُشاهدا، خيال، شفارشون سرسو، ڪميونٽي ادارن ۽ پروگرام لاءِ قيمتي آهن. چو جو توهان پورو هڪ ڏينهن فيلڊ وزٽ ڪئي آهي ۽ گڏيل بحث مباحثي کان پوءِ پيش ڪيا آهن.“ پاڻ وڌيڪ چيو ته ” آئون حيران آهيان ته توهان چيو ته سرسو ۽ ڪميونٽي ادارن کي تعليم، صحت، غربت گهٽ ڪرڻ ۽ ڳوٺاڻي ترقي لاءِ هي هي ڪم ڪرڻ گهرجن. جيئن ته توهان پاڻ سرڪاري عملدار آهيو،حالانڪ اهو سمورو ڪم توهان جوآهي. جڏهن ته اسان جو ڪم تبديلي جي محرڪ طور توهان جي مدد ڪرڻ آهي. سرسو ۽ ڪميونٽي ادارا حڪومت ناهن ۽ نه ئي سرڪاري



محڪما آهن. اسان جو مقصد پوئتي پيل ڳوٺاڻن کي متحرڪ، منظم ۽ سگهارو ڪرڻ آهي.“

شعيب سلطان خان پنهنجي خطاب ۾سنڌ حڪومت جي سرسو، قائم ڪيل ڪميونٽي ادارن ۽ انهن جي ڪم جي مالڪي ڪرڻ واري جذبي ۽ ڪردار کي ساراهيندي ياد ڏياريو ته ”غربت گهٽائڻ وارو پروگرام 2008ع ۾ سنڌ جي ان وقت جي وزيرِ اعليٰ محترم قائم علي شاهه شروع ڪيو ۽ هن وقت جي وزيراعليٰ محترم سيد مُراد علي شاهه صاحب نه صرف جاري رکيو پر ان کي وڌايو آهي ته جيئن شهيد محترمه بينظير ڀٽو جو عورتن کي بااختيار ڪرڻ ۽ غربت جي خاتمي وارو خواب ساڀيان ماٿي سگهي.“ پاڻ وڌيڪ فرمايو ته ”سرسو 90 سيڪڙو پنهنجي پروگرام واري ضلعن ۾ ماڻهن کي منظم ڪيو آهي، جيڪو پاڪستان ۾ سڀ کان وڏي رورل سپورٽ پروگرام آهي. ۽ خاص طور تي عورتن کي منظم ڪيو آهي ۽ ترقي جي عمل ۾شامل ڪيو آهي. هاڻي هي منظم عورتون پنهنجا گهر پاڻ تعمير ڪري رهيون آهن سرسو ته صرف ڪين سهولتڪاري مهيا ڪري رهي آهي. اهڙي طريقي سان ئي اسان ملڪ ۾ 50 لک گهر تعمير ڪري سگهون ٿا ان کان سواءِ ٻيو ڪو رستو ناهي. “

ان موقعي تي ايل ايس او ليڊر محترمه زهره (يونين ڪائونسل وزير آباد تعلقو لکي ضلعو شڪارپور) پنهنجي ڪهاڻي ٻڌائي. هن چيو ته ” اسان عورتن تمام گهڻن سماجي رُڪاوٽن ۽ پابندين جي باوجود عورتن جون تنظيمون جوڙيون ۽ ڳوٺاڻي ترقي لاءِ ڪاميابي سان منصوبا هلايا آهن، جنهن کي سرڪاري سطح کان علاوه چونڊيل نمائندن، ڪميونٽي توڙي قبيلائي بااثر ماڻهن پڻ تسليم ڪيو آهي. هاڻي اسان عورتن کي خاندان توڙي ڪميونٽي بابت فيصلا ڪرڻ ۾ شامل ڪيو وڃي ٿو.“

ورڪشاپ ۾ پي پي آر پي ڊائريڪٽوريٽ- سنڌ حڪومت جي ڊائريڪٽر جنرل محترم پرويز احمد چانڊيو ۽ پي پي آر پي- سرسو جي ٽيم ليڊر محترم غلام رسول سميجو ورڪشاپ ۽ فيلڊ دوران ٿيل مشاهدن تي ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ پنهنجا ويچارپڻ ونڊيا. آخر ۾ محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو) ورڪشاپ ۾شريڪ سڀني مهمانن ۽ خاص طور تي محترم شعيب سلطان خان جن جو سرسو وزٽ ڪرڻ ۽ ڳالهه ٻولهه ڪرڻ تي ٿورو مڃيو.

## ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

# ڪميونٽي ادارن جي سرگرم عورت اڳواڻن ۽ ڪارڪنن سان مڪالمو

چيئرمين آر ايس پي اين ۽ لونگ ليجنڊ محترم شعيب سلطان خان مختلف ضلعن کان آيل ڪميونٽي ادارن جي اڳواڻ ۽ سرگرم ڪارڪن عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي. جن ترقي جي عمل ۾ ڪميونٽي ادارن ۾ شامل ٿيڻ کانپوءِ سندن زندگي ۽ علائقي ۾ آيل تبديلي بابت ٻڌايو. هيٺ عورتن پاران پيش ڪيل ويچار ڏجن ٿا.

**نور بانو مئنيجر وليج آرگنائيزيشن جيئند خان جوڻيجو ۽ خزانچي** ايل ايس او يو سي فتح الله گهمرو تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور ڳالهائيندي چيو ته ”هي هڪ قسم جي اسان عورتن جي ننڍي حڪومت قائم ٿي آهي. بئنڪ اڪائونٽ کليا آهن، عورت جي نالي تي گهڻ لاڳت وارا گهر نهي مليا، ڪميونٽي سيڙپڪاري فنڊ مليو عورت جا گڏيل ڪاروباري گروپ ٺهيا. جيڪا عورت پنج روپين لاءِ مرد جي محتاج هوندي هئي اها هاڻي پنهنجي لکن جي ڪاروبار جي مالڪياڻي آهي.“

**شر بانو صدر وي او دُعا** ۽ جنرل سيڪريٽري ايل ايس او روشني يو سي نورپور تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور ڳالهائيندي چيو ته ”ننڍي عمر جي شادين جي روڪ لاءِ حڪومت سان گڏوگڏ ٻيا سماجي ادارا ۽ اسان جون ايل ايس اوز به ڪم ڪري رهيون آهن. پر آئون هڪ ڏک ڀري ۽ دلچسپ زبردستي ٿيندڙ شادي روڪرائڻ جي ڪهاڻي ٻڌايان ٿي. هڪ ستن ٻارن جي ماءُ جيئن ئي بيوه ٿي ته ان جي ساهرن شادي ڪرائڻ لاءِ ان عورت جي والدين کي چيو ته جيئن عدت پوري ڪري ته هن جي شادي ڪرايو. اسان پاڻ وٽ وڌيڪ نه رهائينداسين. ان عورت اسان ڏي پيغام موڪليو ته منهنجي زبردستي شادي ڪرائي وڃي ٿي، منهنجي مدد ڪيو مان شادي ڪرڻ نٿي چاهيان. اسان وڪيل سان ملي ڪري هن جي راضپي سان ڪيس داخل ڪرايو. اهڙي طرح ان جي شادي رڪجي وئي ۽ ڪيس واپس وٺڻ لاءِ هن جي گهر وارن عورت ۽ اسان کان معافي به ورتي.“

**سڪينه چاهڙو مئنيجر وي او مينهون خان** جنرل باڊي ميمبر ايل ايس او سرمست يو سي درازا تعلقو گمبٽ ضلعو خيرپور چيو ته ”سرسو جي ٽيم اسان جي ڳوٺ ۾ اچي پاڙي سطح جون تنظيمون ٺاهيون ۽ ڳوٺ جي تنظيم ۽ ايل ايس او نهي. اهو سڀ سرسو جي محنتن جو نتيجو آهي، جو مان هڪ سوشل ورڪر آهيان ۽ پنهنجي ايل ايس او سرمست جي چيئرپرسن آهيان. اسان جي ڳوٺ ۾ هڪ غريب گهراڻي جي ڇوڪري کي ننڍپڻ کان اکين ۾ موتيو هيو ۽ هن جي گهر وارن وٽ ان جو علاج ڪرائڻ لاءِ پئسو نه هو، هنن ايل آر بي ٽي گمبٽ ۾ ڏيکاريو هو،پر هن جي علاج لاءِ هڪ لک رپين جي رقم گهربل هئي. اسان تنظيم وارن چندو گڏ ڪري ان ڇوڪري جي اکين جو ڪامياب علاج ڪرايو. هوءَ هاڻي رنگن ڀري زندگي گذاري رهي آهي.“

**شگفته سولنگي** مئنيجر وي او گاگڙي چيئرپرسن ايل ايس او حاجنا شاهه يو سي حاجنا شاهه تعلقو ڪنگري ضلعو خيرپور ڳالهه ٻولهه ڪندي چيو ته ”جڏهن اسان ڪم شروع ڪيو ته اسان کي تمام گهڻيون مشڪلاتون پيش آيون. شروع ۾ هڪ وڏو حادثو ٿيو جيڪو اسان سان پيش آيو. اِهو هي ته ڳوٺ جي مولوي ڳوناڻن کي چيو ته هنن عورتن جي گهرن سان برادري ئي ختم ڪيو. هنن جون سرگرميون اسلامي تعليم جي خلاف آهن.

## ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه

مولوي جمعوجي خطبي ۾ بہ اسان جي خلاف ڳالهائڻ شروع ڪيو. ڪافي جدوجهد ۽ سمجهائڻ کان پوءِ اسان جي هن مان جان آجي ٿي. تنهن کان پوءِ اسان پنهنجون سرگرميون شروع ڪيون. اسين ڳوٺ ۾ هڪ پروگرام جو بندوبست ڪيو، جنهن ۾ 2000 ماڻهو شريڪ ٿيا ۽ ان پروگرام جي مهمانِ خاص ادي نفيسہ شاهہ (ميمبر نيشنل اسيمبلي) هئي. جڏهن مان پنهنجي جهدوجهد جو سفر ٻڌايو تہ ادي نفيسہ شاهہ مون کي اجرڪ پارايو ۽ شاباش ڏني ۽ چيو تون عورتن لاءِ هڪ مثال آهين ان وقت مون کي ڏاڍي خوشي محسوس ٿي ۽ مون پڪو پهہ ڪيو تہ هن ڪم کي اجان بہ اڳتي وڌائڻو آهي.“

**غلام زُهره** چيئرپرسن وي او چاهو لباڻو ۽ چئرپرسن ايل ايس او رائيزنگ يو سي وزير آباد تعلقو لکي ضلعو شڪارپور پنهنجي تقرير ۾ چيو تہ ”اسان جي ڪم کي سڀني تسليم ڪيو آهي ڪرونا وبا ۽ لاڪ ڊائون دوران عارف خان مهر سابق ضلعي ناظم شڪارپور اسان جي تنظيم ڏانهن هڪ پيغام ڏياريو تہ توهان غريب ۽ ضرورتمند گهراڻن جي چونڊ ڪري ڏيو تہ جيئن انهن کي ڪاڌ خوراڪ ڏئي سگهون. اسان جي ايل ايس او ضرورتمند گهراڻن جي فهرست ناهي ڪيس ڏني ۽ غريب گهراڻن کي ڪرونا جي لاڪ ڊائون دوران ڪاڌ خوراڪ جو سامان ڏياريوسين.“



# ڪميونٽي ڪارڪنن سان ڳالهه ٻولهه








## مڃتا ايوارڊ ورهائڻ جي تقريب

ورڪشاپ جي آخر ۾سرسو ضلعي خيرپور ميرس جي ٽيم پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) هيٺ ڪاميابي سان انڪم جنريٽنگ گرانٽ( Income Generating (Grant-IGG ۽ ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (Community Investment Fund-CIF)جي ورهاست ۽ رڪوري ڪرڻ تي مڃتا ايوارڊ ڏنا ويا. ورڪشاپ ۾ شريڪ چيئرمين آر ايس پي اين محترم شعيب سلطان خان صاحب جن اسٽاف ۾ ايوارڊز تقسيم ڪيا.. ان موقعي تي شيعب سلطان خان مختصر ڳالهه ٻولهه ڪندي سيني ٽيم ميمبرن کي مبارڪ باد ڏني ۽ سرسو مئنيجيمينٽ پاران پنهنجي ٽيم جي ڪاميابي تي مڃتا ڏيڻ واري عمل کي ساراهيو ۽ خوشيءَ جو اظهار ڪيو.



مُک موضوع

# ڪاروبار جي ترقي ۾ سرسو

## ڪاروبار جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ڇهه ماهي (جنوري - جون 2021 ) دوران ڪيل اهم سرگرميون

*بخت علي ابڙو (سينيئر پروگرام آفيسر، ايم اِي آر يونٽ)*
*سرسو هيڊ آفيس سکر*

### پهرين سرتيون سنگ نمائش ايٽ عبداللّٰه مال حيدرآباد

***حيدرآباد/جنوري 10 کان 13، 2021:*** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن پاران حيدرآباد شهر ۾ نئين قائم ڪيل عبداللّٰه مال ۾ پهرين سرتيون سنگ هنرن جي نمائش جنوري 10 کان 13، 2021 تائين لڳائي وئي. نمائش جو بنيادي مقصد ڳوٺاڻي هنر مند عورتن جي ڪم کي فروغ ڏيڻ ۽ مارڪيٽ تائين رسائي مهيا ڪرڻ هو ته جيئن اهي ڪاروبار ۽ ڪاروباري رابطا ڪاري بهترڪري سگهن. اهو پهريون دفعو هو جو سرسو پاران خاص طور تي ڪرونا وبا کان پوءِ حيدرآباد ۾ نمائش جو انتظام ڪيو ته جيئن نئين جڳهه تي هٿ جي هنر جي لاءِ مارڪيٽ ڳولهي سگهجي. نمائش ۾ سرسو پاران هنر مند عورتن جي ناهيل ڪاروباري ترقياتي گروپن (بزنس ڊولپمينٽ گروپس) پاران تيار ڪيل مختلف قسم جون شيون جهڙوڪ: ثقافتي ڊريس، رلي، ڪشن، پرس، اجرڪ ماسڪس، ڪجين مان تيار ڪيل شيون وڪري لاءِ رکيون ويون. ڇئن ڏينهن جي نمائش لاءِ عبداللّٰه مال انتظاميه پاران ڳوٺاڻي عورتن جي هٿ جي هنرن کي فروغ ڏيڻ جي لاءِ جڳهه مفت ۾ مهيا ڪئي وئي هئي. جنهن لاءِ سرسو ادارو ٿورو مڃيو.





### سکر آءِ بي اي يونيورسٽي پاران ڪاروبار جي انتظام ڪاري جي عنوان تي تربيت

***سرسو هيڊ آفيس سکر/جنوري14-16، 2021:*** ايگزيڪيٽو ڊولپمينٽ سينٽر (اِي ڊي سي) سکر آءِ بي اي يونيورسٽي پاران سرسو اسٽاف کي ڪاروبار جي ترقي جي موضوع تي ٽن ڏينهن جي تربيتي ورڪشاپ جو بندوبست ڪيو ويو.

## مُک موضوع

ورڪشاپ جو مقصد سرسو اسٽاف کي جديد ڪاروباري رُجحانن ۽ مهارتن بابت ڄاڻ مهيا ڪرڻ هو. ورڪشاپ ۾ ڪاروبار جي ترقي، منصوبا سازي ۽ انتظام ڪاري جي موضوعن تي ڳالھ ٻولھ ڪئي وئي. ورڪشاپ ۾ گڏيل بحث مباحثي، پيشڪش ۽ وڊيوز ذريعي سکيا جو عمل مڪمل ڪيو ويو. ورڪشاپ ۾ سرسو ٽيم جي 30 ميمبرن شرڪت ڪئي.

سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پڻ شرڪتڪارن سان موضوع جي حوالي سان ويچار ونڊيا ۽ ڪاروبار جي واڌ ويجھ ذريعي ٻهراڙيءَ ۾ غربت جي خاتمي تي زور ڀريو. انهيءَ موقعي تي محترم عامر غوري (آئڪون غوري) پنهنجي ڪاروباري ڪاميابيءَ جي ڪهاڻي ٻڌائي. ڊاڪٽر نويد قريشي، محترم اسلم شيخ ۽ پروفيسر ڊاڪٽر الطاف حسين سمون (ڊائريڪٽر اِي ڊي سي آءِ بي اي سکر) سهولتڪار طور ڪم ڪيو.

## اين پي جي پي پروگرام هيٺ ڪاروبار جي ترقي، اثاثن جي انتظام، مالياتي ۽ عملي تعليم بابت سي آر پيز جي تربيت

*سرسو هيڊ آفيس/مارچ27 کان اپريل2، 2021:* حڪومت پاڪستان ۽ آءِ ايف اي ڊي جي مالي تعاون ۽ پي پي اي ايف جي شراڪت سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) تحت پيداواري اثاثن جي ورهاست سان گڏوگڏ فائدو حاصل ڪندڙن جي تربيت لاءِ سکيا جو هڪ جامع پروگرام شروع ڪيو ويو آهي. ان سلسلي هيٺ شروعاتي طور مقامي نمائندن (لوڪل ريسورس پرسنز) جي ڪاروبار جي ترقي، اثاثن جي انتظام ڪاري، مالياتي ۽ عملي تعليم بابت ستن ڏينهن جي تربيت (ٽريننگ آف ٽرينرز) جو بندوبست سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ڪيو ويو. جنهن ۾ 21 سي آرپيز (14 ميل ۽ 7 فيميل) پروگرام ۾ شامل ضلعن






## مُک موضوع

شڪارپور (8) ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ (13) شرڪت ڪئي.
ورڪشاپ ۾ جمال مصطفيٰ شورو (ريجنل جنرل مئنيجر سرسو) ۽ محترم مظفر حسين پنهور (پروگرام مئنيجر اين پي جي پي) شرڪت ڪئي ۽ تربيت جي آخري ڏينهن تي محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (سي اِي او سرسو) تربيت حاصل ڪندڙن ۾ سرٽيفڪيٽ ورهايا.
ڪاروبار جي ترقي، اثاثن جي انتظام، مالياتي ۽ عملي تعليم بابت تربيتڪارن جي تربيت هيٺ ڪل 132 سي آر پيز معاشي

## گراسپ وفد بزنس ڊولپمينٽ گروپن جو وزٽ ڪيو

***خيرپور/ اپريل19، 2021:*** گراسپ وفد سرسو پاران سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام(پي پي آر پي) هيٺ خيرپور ضلعي ۾ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپن(بي ڊي جيز) جو دورو ڪيو ويو. وفد عمر عارف، ارشاد جوٽيجو ۽ مُحسن سومرو تي مشتمل هو. دوري جو مقصد ٻهراڙي جي عورتن پاران جوڙِيل ڪاروباري گروپن ۽ انهن پاران شروع ڪيل ڪاروبارن بابت معلومات حاصل ڪرڻ هو. وفد ڳوٺ محمد نواز رند يونين ڪائونسل ٻگرو تعلقو ۽ ضلعو خيرپور ۾ نرسري ۽ تازي سبزين جو ڪاروبار ڪندڙ گروپن سان گڏجاڻي ڪئي ۽ انهن جا هلندڙ ڪاروبار وزٽ ڪيا. ڪاروباري گروپن جي عورت اڳواڻن وفد کي ڪاروبار بابت آگاهي ڏيندي ٻڌايو ته اسان ڪيئن پنهنجو ڪاروبار شروع ڪيو، منصوبا سازي عمل ۾ آندي ۽ منافعي جي ورهاست ڪندا آهيون.؟ گڏوگڏ ڪاروبار جي پائداري بابت تفصيلي ڳالهه ٻولهه ڪئي. وفد عورتن جي گڏيل ڪاروبار ڪاميابي سان هلائڻ ۽ منصوباسازي جي تعريف پڻ ڪئي.



## مُک موضوع

ماسٽر ٽرينر طور تيار ڪيا ويندا. جيڪي اين پي جي پي جي ٻنهي ضلعن جي 32،549 پيداواري اثاثن مان فائدو حاصل ڪندڙن کي تربيت مهيا ڪندا. هي تربيت مشهور ترقياتي ماهر ۽ معاشيات جي استاد محترم امتياز پيرزادو ڪرائي. سرسو پاران ٽريننگ ڪنسلٽنٽ جي مدد سان ڪاروبار جي واڌ ويجهہ تي ماهر تربيتڪارن جي لاءِ جامع تربيتي ڪتابچو پڻ تيار ڪيو ويو آهي.

### ڊجيٽل ۽ ميڪ اپ تي تربيت حاصل ڪندڙ گهريلو هُنر مند عورتن کي سرٽيفيڪيٽ ورهائڻ جي تقريب

***سرسو هيڊ آفيس/جون 9، 2021*** گهريلو هنرمند عورتن جي ڀلائي ۽ معاشي بهتري جي حوالي سان هلندڙ جائڪا لائيٽ ايف پروجيڪٽ تحت عورتن جي ڊجيٽل ۽ ميڪ اپ تي ٽن مهينن جي تربيت جو بندوبست ڪيو ويو. تربيت ڪاميابي سان مڪمل ڪندڙن 30 عورتن کي سرٽيفيڪيٽ ورهائڻ جي تقريب سرسو ڪامپليڪس سکر ۾ ٿي گذري. هنرمند عورتن جو تعلق خيرپور، سکر ۽ شڪارپور ضلعن ۾ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (بي ڊي جيز) سان هو. تقريب جي مهمانِ خاص محترمہ انجم اقبال سيڪريٽري وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ حڪومت سنڌ هئي. جڏهن تہ محترم عبدالحفيظ شيخ جنرل ڪوآرڊينيٽر جائڪا لائيٽ ايف پروجيڪٽ ۽ محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو جن پڻ تقريب ۾ شرڪت ڪئي. محترم مجيد ٿهيم (پروجيڪٽ ڪو آرڊينيٽر جائڪا لائيٽ ايف پروجيڪٽ) پرگرام جي ڪاروائي هلائي. ان موقعي تي سکيا وٺندڙ عورتن پنهنجي تربيت بابت پنهنجا ويچار پڻ ونڊيا.

مهمان خاص محترمہ انجم اقبال خطاب ڪندي چيو تہ ” گهريلو هنرمند عورتن جي لاءِ تربيت ۽ تعليم اهم آهي، ان ڪري هن منصوبي هيٺ وومن ڊولپمينٽ ڊپارٽمينٽ، سرسو ۽ جائڪا گڏيل طور انهن عورتن جي سماجي ۽ معاشي ترقي ۽ ڀلائيءَ لاءِ ڪم ڪري رهيا آهن. هي تربيت پڻ ان ڪوشش جو حصو آهي، جيڪو توهان عورتن ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو آهي.“ هن وڌيڪ چيو تہ ”مون کي خوشي ٿي آهي تہ سرسو هنرمند عورتن کي سکيا جو بندوبست ڪندي رهي ٿي ۽ انهيءَ عمل سان ڪافي حد تائين گهريلو سطح تي غربت ۽ بيروزگاري ۾ گهٽتائي ممڪن ٿي سگهي ٿي.“





### بزنس ڊولپمينٽ گروپس پاران سرسو سرتيون سنگ سکر جو مطالعاتي دورو

***سرسو هيڊ آفيس/جنوري 26، 2021:*** سرسو پاران يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ لاڙڪاڻي ۽ قمبر-شهدادڪوٽ ضلعن ۾ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (بي ڊي جيز) جي هنرمند عورتن هيڊ آفيس سکر ۾ ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ يونٽ ۽ سرتيون سنگ جو مطالعاتي

## مُک موضوع




دورو ڪيو. دوري جو مُکيہ مقصد گروپن پاران هلندڙ ڪاروبارن بابت خيالن ۽ تجربن جي ڏي وٺ، انهن جي بهتر مارڪيٽنگ، سکيا ۽ رابطاڪاري بهتر ڪرڻ هو تہ جيئن اهي پنهنجن گروپن ۾ ڪاروبارن کي سٺي نموني هلائي ۽ وڌائي سگهن.

رياض علي جلالاڻي (مئنيجر ڪرافٽس انٽرپرائيز ڊولپمينٽ) هنرمند عورتن کي پليڪار ڪيو ۽ انهن کي يونٽ ۽ آئوٽ ليٽ جو دورو ڪرايو. ان موقعي تي ڪاروباري عورتن کي سرسو پاران سندن ڪاروبارن جي واڌاري لاءِ مارڪيٽنگ، رابطاڪاري، ڪم ۾ بهتري ۽ نواڻ آڻڻ ۾ مدد ڪرڻ بابت تفصيل سان ٻڌايو.

## يورپين يونين ـ سڪسيس ٽيڪنيڪل ٽيم ناليواري معاشي ماهر محترم قيصر بنگالي جي قيادت ۾ بي ڊي جيز جو دورو

***ٽنڊو ۽ سانگهڙ / مارچ 13، 2021:*** يورپين يونين جي سڪسيس پروگرام جي ٽيڪنيڪل ٽيم سنڌ حڪومت جي مالي مدد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پيپلز پاورٽي رڊڪشن پروگرام) ٽنڊي ۽ سانگهڙ ضلعن ۾ جوڙيل بزنس ڊولپمينٽ گروپس (بي ڊي جيز) جو دورو ڪيو. وفد جي قيادت مشهور معاشي ماهر محترم قيصر بنگالي ڪري رهيو هو. وفد گروپن سان گڏجاڻيون ڪيون ۽ تفصيل سان انهن جي ڪاروبار جو جائزو ورتو. گروپ ليڊرن پنهنجي گروپ ۽ ڪاروبار بابت تفصيل ٻڌايا. جنهن ۾ خاص طور تي ڪاروبار جي شروعات، انتظام ڪاري، رڪارڊ ، منافعي جي ورهاست ۽ پائداري تي ڳالهہ ٻولهہ ڪئي وئي.

محترم پرويز احمد چانڊيو ۽ (پروگرام ڪوآرڊينيٽر پي پي آر پي سنڌ حڪومت) ۾ محترم غلام رسول سميجو (ٽيم ليڊر پي پي آر پي سرسو) جن پڻ دوري دوران وفد سان گڏ هئا ۽ ڪين سهولتڪاي مهيا ڪئي.





# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي وچ ۾ گڏيل ياداشت نامي تي صحيح ڪرڻ جي تقريب

**سکر** *(جون 21، 2021)* سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي وچ ۾ گڏيل ياداشت نامي تي صحيح ڪرڻ جي تقريب ٿي گذري. پروفيسر ڊاڪٽر سيد مير محمد شاه وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ محمد ڏتل ڪلهوڙو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون. هي تقريب سرسو هيڊ آفيس سکر ۾ منعقد ڪئي وئي. ياداشت نامي مطابق ٻئي ادارا پنهنجي تجربن، سکيا ۽ تحقيق جي حوالي سان هڪ ٻئي جي مدد ڪندا ۽ ان لاءِ صلاحيت سازي، تحقيق ڪرڻ، ڪامياب ڪهاڻيون لکڻ، انٽرشپ، آخري سال جي پروجيڪٽن ۽ ٻين شعبن ۾ سهڪار وڌائيندا ته جيئن ترقي ۽ ڪميونٽي جي خدمت لاءِ بهتر طور ڪم ڪري سگهجي.

تقريب ڪي خطاب ڪندي محترم سيد مير محمد شاهه چيو ته سرسو ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جو ڪميونٽي خدمت ۽ ترقي وارو مقصد هڪ ئي آهي. ٻئي ادارا پنهنجي شعبي ۾ وسيع تجربو، وسيلا ۽ موقعا رکن ٿا. جيئن ته آءِ بي اي وٽ فيڪلٽي آهي، پروفيشنل تربيت جا ادارا ۽ ڪاروباري ترقي جا وسيلا آهن. جڏهن ته سرسو وٽ ڪميونٽي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائي جو عملي تجربو ۽ ڄاڻ آهي. ان ڪري اسان ڪي هڪ ٻئي جي تجربن مان سکڻ گهرجي ۽ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ گهرجي. ان ڪري فيصلو ڪيو ويو آهي ته گڏجي ڪم ڪجي. ياداشت نامو مطابق ٻئي ادارا پروفيشنل تربيت، تحقيق ۽ انساني وسيلن جي استعمال جي شعبن ۾ گڏجي ڪم ڪرڻ جا موقعا پيدا ڪندا. ان موقعي تي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محمد ڏتل ڪلهوڙو چيو ته ”جيئن اسين اڳ ۾ به غير رسمي طور تي مختلف حوالي سان گڏجي ڪم ڪري رهيا هئاسون. سرسو ڪي جڏهن به مدد ۽ رهنمائي جي ضروت پئي آهي ته آءِ بي اي ڀرپور مدد ڪئي آهي.“ ان موقعي تي مرحوم پروفيسر نثار احمد صديقي ڪي ياد ڪندي هن چيو ته ”مرحوم نثار صاحب اسان سڀني جو گڏيل سرمايو هو. سرسو جي بورڊ ميمبر طور پاڻ هميشه سرسو جي رهنمائي ڪيائين ۽ سرسو ٽيم ڪي بي حد متاثر ڪيو.“ جيئن ته سرسو ڳوٺاڻي سطح تي ڪم ڪرڻ جو سنو تجربو ۽ سنڌ جي 15 ضلعن ۾ مقامي تنظيمن جو وسيع نيٽ ورڪ پڻ رکي ٿي. سرسو ڪاروباري سرگرمين جي فروغ ذريعي ڀراڙي مان غربت گهٽائڻ لاءِ ڪوششُون وٺي رهي آهي. وڌيڪ بهتري لاءِ آءِ بي اي جي مدد ۽ رهنمائي جي ضرروت آهي. سرسو سکر آءِ بي اي يونيورسٽي جي شاگردن لاءِ تحقيقي منصوبن ۽ انٽرشپ جا موقعا پيدا ڪندي. اهڙيءَ طرح سنڌ جا ٻئي ادارا هڪ ٻئي جي تجربن، علم ۽ وسيلن مان فائدو وٺي سنڌ جي ترقي ۽ سماجي خدمت ۾ وڏو ڪم ڪري سگهن ٿا.

ان کان پهرين سرسو آءِ ايم ايس ڊي( Institute of Management and Skill Development-IMSD) جي سينئر مئنيجر نياز احمد هنگورو ۽ آءِ بي اي ايگزيڪيٽو ڊولپمينٽ سينٽر (IBA-Executive Development Center-EDC)جي ڊائريڪٽر الطاف حسين سمون ٻنهي ادارن جو تعارف ۽ گڏيل ياداشت نامي جي تياري ۽ عمل تي روشني وڌي. ان موقعي تي ٻنهي ادارن جي وچ ۾ ثقافتي تحفا پڻ هڪ ٻئي ڪي ڏنا ويا. آخر ۾ يونيورسٽي جي وفد سرسو هيڊ آفيس ۾ قائم مختلف شعبا پڻ گهمي ڏٺا.





سرسو عمل ۾

### افتتاحي تقريب

# عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام سکر ۽ گهوٽڪي

## محترم بلاول ڀٽو زرداري (چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي) ۽ محترم سيد مُراد علي شاهه (وزيراعليٰ سنڌ) جن پروگرام جو افتتاح ڪيو

### چار هزار کان وڌيڪ منظم ڳوٺاڻي ڪارڪن عورتن جي تقريب ۾ شرڪت

رپورٽ: علي انور آزاد (اسسٽنٽ مئنيجر -ايم اِي آر يونٽ)
سرسو هيڊ آفيس سکر

سنڌ حڪومت جي سهڪار سان سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ شروع ڪيل ”عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام“ جي افتتاحي تقريب جو انتظام سيپٽمبر1، 2021 تي گهوٽڪي ۾ ڪيو ويو. تقريب جا مهمانِ خاص محترم بلاول ڀٽو زرداري (چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي) ۽ سيد مراد



## سرسو عمل ۾



علي شاھ ( وزيرِاعليٰ - حڪومت سنڌ) جن هئا. جڏهن ته معزز مهمانن ۾گھوٽڪي جي قومي اسيمبلي، سينيٽ ۽ صوبائي اسيمبلي ميمبرن جهڙوڪ: سينيٽر محترم جام مهتاب خان ڌھر، ايم اين اي محترم محمد بخش خان مهر، ايم اين اي محترم خالد احمد خان لنڊ، ايم پي اي محترم شهريار خان شر کان علاوه صوبائي وزير محترم نثار احمد کھوڙو، سيد ناصر حسين شاھ، محترم عبدالباري خان پتافي، محترم جام خان شورو ۽ محترم مُڪيش چاولا ۽ سنڌ حڪومت جا نمائندا محترمہ شيرين مصطفيٰ ناريجو (سيڪريٽري پلاننگ - سنڌ حڪومت) ۽ محترم پرويز احمد چانڊيو (پروگرام ڪوآرڊينيٽر پي پي آر پي - سنڌ حڪومت) ۾ شامل هئا. تقريب ۾ ضلعي گھوٽڪي ۽ سکر ڊويزن ۾ سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن، جي انتظاميہ سان گڏ سنڌ جي مختلف ضلعن کان منظم ڪيل ڪميونٽي ادارن جون 4،000 کان وڌيڪ سرگرم عورت ڪارڪنن تعداد ۾ شرڪت ڪئي. انهيءَ موقعي تي ڪميونٽي ادارن جي اڳواڻ ۽ پروگرام مان فائدو حاصل ڪندڙ 20 کان وڌيڪ عورتن پنهنجي خيالن جو اظهار پڻ ڪيو.

| عنوان | تفصيل |
|---|---|
| سرگرمي جو نالو | افتتاحي تقريب<br>عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام (Peoples' Poverty Reduction Program- Expanded) سکر ۽ گھوٽڪي |
| تاريخ | 1 سيپٽمبر 2022 |
| جڳھ | اسپورٽس ڪامپليڪس گھوٽڪي |
| شرڪتڪار | 4000 کان وڌيڪ منظم سرگرم ڪارڪن عورتون |
| خاص مهمان | محترم بلاول ڀٽو زرداري (چيئرمين پاڪستان پيپلز پارٽي)<br>محترم سيد مُراد علي شاھ (وزيراعليٰ سنڌ) |
| معزز مهمان | محترم نثار احمد کھوڙو (صدر پاڪستان پيپلز پارٽي سنڌ)<br>محترم جام مهتاب خان ڌھر (سينيٽر)<br>محترم محمد بخش خان مهر (ميمبر نيشنل اسيمبلي گھوٽڪي)<br>محترم خالد احمد خان لنڊ (ميمبر نيشنل اسيمبلي گھوٽڪي)<br>محترم ناصر حسين شاھ (صوبائي وزير سنڌ حڪومت)<br>محترم عبدالباري خان پتافي (صوبائي وزير سنڌ حڪومت)<br>محترم جام خان شورو (صوبائي وزير سنڌ حڪومت)<br>محترم مُڪيش چاولا (صوبائي وزير سنڌ حڪومت)<br>سردار محترم شهريار خان شر ( ميمبر صوبائي اسيمبلي سنڌ) |
| پهري ڪار | محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو (چيف ايگزيڪيٽو آفيسر - سرسو) |
| شڪريو | محترم عُثمان عبدالله (ڊپٽي ڪمشنر گھوٽڪي) |
| ميزباني | محترم غلام رسول سميجو (ٽيم ليڊر پي پي آر پي-سرسو) |

سرسو عمل ۾

# تقريب کي خطاب ڪندڙ ڪميونٽي ادارن جون عورت اڳواڻ

**سڪينہ خيرپور**

اسين سنڌ حڪومت جا ٿورائتا آهيون، جن اسان جي پوئتي پيل علائقن ۾ رهندڙ عورتن جي بہ حالتون بهتر ڪرڻ جو سوچيو، جن لاءِ ٻيو ڪير بہ سوچڻ لاءِ تيار ناهي.

**شهر بانو خيرپور**

عوام جي غربت گهٽ ڪرڻ واري پروگرام اسان کي قدم قدم سان ملائي ترقي ڏانهن سفر ڪرڻ سيڪاريو آهي. هن انقلابي پروگرام ذريعي اسان جي زندگي ۾ بهتري آئي آهي.









تقريب جي شروعات قرآن پاڪ جي تلاوت سان ڪئي ويئي. ان ڪانپوءِ تعلقي اوٻاڙو جي ڳوٺ ۾ قائم ڪيل ڪميونٽي آرگنائيزيشن جي اڳواڻ محترمہ زينت چاچڙ سڀني مهمانن کي پليڪار ڪيو ۽ سنڌ حڪومت جو گهوٽڪي ضلعي ۾ عورتن کي سگهارو ڪرڻ ۽ غربت گهٽائڻ لاءِ هي پروگرام شروع



ڪرڻ ۽ افتتاحي تقريب منعقد ڪرڻ تي ٿورو مڃيو.

محترم بلاول ڀٽو زرداري پنهنجي خطاب ۾ چيو تہ ” اسان جو يقين آهي تہ سماجي ڀلائيءَ جون تنظيمون هيٺين سطح تي غريب ترين ماڻهن سان ساراهہ جوڳو ڪم ڪري رهيون آهن. سنڌ حڪومت بغير ڪنهن فرق جي ماڻهن جي خدمت ڪري رهي آهي ۽ عوام جي غربت گهٽائڻ جو هي پروگرام منهنجو سڀ کان وڌيڪ پسنديده پروگرام آهي، جيڪو حقيقي طور تي ڀهراڙيءَ جي عورتن کي سگهارو بڻائي رهيو آهي. عورتن کي خود مختيار بڻائڻ منهنجي والده جو خواب هو. پاڻ سمجهندي هئي تہ عورتن جي زندگي ۾ تبديلي آڻڻ سان ئي خاندان ۽ ملڪ جي حالت بهتر ٿي سگهي ٿي. ان ڪري سنڌ حڪومت پاران گهوٽڪي ۽ سکر ضلعن جي ضرورتمند عورتن ۽ انهن جي خاندان جي ترقي لاءِ 6 ارب روپين جو پروگرام شروع ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ 10,000 غريب عورتن

## سرسو عمل ۾

**نُصرت پٽي (خيرپور)**

سنڌ حڪومت سرسو ذريعي روٽي ، ڪپڙو ۽ مڪان هر خاندان لاءِ وارو پنهنجو واعدو پورو ڪري رهي آهي. اسان غريب عورتون پاڻ کي خوشنصيب سمجهون ٿا ته اسين ان صفر جو حصو آهيون.

**محترم زهرا (شڪارپور)،**

عوام جي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام هڪ انقلابي قدم آهي، جنهن سان اسين عورتون پنهنجن ڪاروبارن ۽ اثاثن جون وارث بڻيون آهيون. اسين منظم آهيون، گڏ آهيون، مسئلن کي سمجهون ٿيون ۽ ان جي حل لاءِ ڪوششون ڪري رهيون آهيون. ان ڪري اسان کي پڪ آهي ڪاميابي اسان جي ئي ٿيندي.

**راڻي (سانگهڙ)**

آئون سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي شڪر گذار آهيان، جن عورتن جي لاءِ هي پروگرام شروع ڪيو آهي. اسين تنظيمون جوڙي پاڻ کي ان پروگرام جو مالڪ سمجهون ٿيون.









کي گهر به ملندا“ پاڻ خطاب ۾ وڌيڪ ٻڌايو ته ”سنڌ حڪومت پاران صرف سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ذريعي سنڌ ۾ 23 هزار غريب گهراڻن کي منظم ڪيو ويو آهي ۽ هي سفر اڃان جاري آهي.“

پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين خطاب ڪندي چيو ته ”ملڪ جي عورتن کي مضبوط ڪرڻ اسان جو اولين مشن آهي، اهو ئي سبب آهي جو اسين پوري ملڪ جي عورتن کي معاشي طور مضبوط ڪرڻ خاطر بينظير انڪم سپورٽ جي نالي سان انقلابي پروگرام شروع ڪيو. اسان جي غربت گهٽائڻ واري نظريي ۽ پروگرام کي ورلڊ بئنڪ سميت بين الاقوامي سطح تي ساراهيو ويو آهي.“ هن وڌيڪ چيو ته ”عورتن کي مضبوط ڪنداسون ته خاندان مضبوط ٿيندا، خاندان مضبوط ٿيڻ سان ڳوٺ مضبوط ٿيندا، اهڙي ريت صوبا ۽ ملڪ به مضبوط ٿيندو. ان ڪري اسان جي ڀرپور ڪوشش آهي ته سموري ملڪ جي عورتن جو مستقبل خوشحال ۽ روشن بڻائجي.“ هن چيو ته ”مون کان منهنجي امڙ محترمه شهيد بينظير ڀٽو کي کسيو ويو پر هن ملڪ جون سموريون عورتون منهنجون مائرون ۽ ڀينريون آهن جن جي مان خدمت ڪرڻ ڪرڻ چاهيان ٿو. “

ان کان اڳ وزير اعليٰ سنڌ سيد مراد علي شاهه خطاب ڪندي چيو ته هي هڪ انقلابي پروگرام آهي، جيڪوخاموش انقلاب جيان ٻهراڙي جي آبادي خاص طور عورتن جي زندگي ۾ تبديلي آڻي رهيو آهي. پاڻ خطاب ڪندي چيو ته ”محترمه شهيد بينظير ڀٽو جي خواب کي ساپيان ڪرڻ خاطر ان وقت

## سرسو عمل ۾

جي وزير اعليٰ محترم سيد قائم علي شاهه صاحب جن جي رهنمائي ۾ 2009ع ۾ سرسو سان گڏجي يونين ڪائونسل سطح تي غربت گهٽائڻ وارو پروگرام شروع ڪيو ويو، جنهن تحت پهرين مرحلي ۾ شڪارپور، ڪشمور ۽ جيڪب آباد ضلعن جي غريب عورتن ڪي معاشي طور مضبوط بڻايو



ويو.“ پروگرام جي ڪاميابي ڏسڻ بعد 2017 ۾ بدين، خيرپور، سانگهڙ، ميرپور خاص، ٺٽو ۽ عمر ڪوٽ ضلعن ۾ به ساڳيو پروگرام شروع ڪيو ويو. يورپيين يونين پروگرام ڪان متاثر ٿي سهڪار لاءِ اڳتي آئي. اهڙي ريت ان جي مدد سان ٽنڊو محمد خان، سجاول، مٽياري، ڄامشورو، دادو، لاڙڪاڻو، قمبر شهدادڪوٽ ۽ ٽنڊوالهيار ضلعن ۾ پڻ پروگرام جي شروعات ڪئي وئي. هن چيو ته ”شهرن جي ڪچي آبادي سميت رهجي ويل ضلعن ۾ به جلد اهڙو پروگرام شروع ڪري ضرورتمند عورتن ڪي سندن حق فراهم ڪيا ويندا.“ وڏي وزير ٻڌايو ته سنڌ حڪومت پاران هن وقت تائين سنڌ جي ٻهراڙي مان غربت گهٽ ڪرڻ لاءِ 33 ارب روپيا خرچ ڪيا ويا آهن، جڏهن ته سکر ۽ گهوٽڪي لاءِ 6 ارب روپيا رکي ڇڏيا آهن جنهن تحت ٻنهي ضلعن ۾ چار سالن تائين هي پروگرام جاري رهندو.“

ايم اين اي گهوٽڪي محترم محمد بخش خان مهر خطاب

**نسيم ڪوسو (شڪارپور)**

سرسو جي ڪوشش سان اسان ۾ پاڻ تي اعتماد پيدا ٿيو آهي. هاڻي اسين پنهنجي گهر ۽ ڪميونٽي جي بهتري لاءِ گهڻو ڪجهه ڪري سگهون ٿا.

**محترمه شهزادي ڪٽپر (سکر)،**

آءُ هڪ غريب خاندان سان تعلق رکان ٿي. پروگرام شروع ڪرڻ کان اڳ آئون گهر کان ٻاهر قدم به نه رکيو هو، هن پروگرام اسان ڪي پنهنجو پاڻ تي پروسو سيڪاريو ۽ اعتماد پيدا ڪيو. ان لاءِ سرسو ۽ سنڌ حڪومت جي مهرباني.

**نائلا (لاڙڪاڻو)**






## سرسو عمل ۾



ڪندي چيو ته ”اسين محترم بلاول ڀٽو زرداري، وزيراعليٰ سنڌ ۽ سمورن چونڊيل نمائندن، سرڪاري عملدارن خاص طور پري پري کان کهي آيل عورتن کي گهوٽڪي اچڻ تي ڀليڪار چئون ٿا ۽ سرسو کي اهڙو شاندار پروگرام ڪرڻ تي مبارڪباد پيش ڪيا ٿو. پروگرام جي ڪاميابيءَ لاءِ اسان جو سرسو سان ڀرپور سهڪار رهندو“

تقريب کي محترم نثار احمد کهڙو ۽ سيد ناصر حسين شاهه جن پڻ خطاب ڪيو. ٻنهي اڳواڻن سرسو جي ڪم جي تعريف ڪئي. تقريب ۾ عورتن جي شرڪت ۽ پيش ڪيل جدوجهد ۽ خيالن کي ساراهيو. انهن سنڌ حڪومت پاران عورتن جي سماجي ۽ معاشي تبديلي ۽ ترقي لاءِ جاکوڙ ۾ پنهنجي ڀرپور ساٿ ۽ سهڪار جاري رکڻ جو يقين ڏياريو.

مهمانن جي تقريرن کان اڳ سنڌ جي مختلف ضلعن کان آيل ڪميونٽي ادارن جي اڳواڻ عورتن سرسو سان گڏجي ڪيل ڪم ۽ ان جي نتيجي ۾ سندن زندگي، خاندان ۽ ڪميونٽي ۾ آيل تبديلي بابت پنهنجا خيال ۽ تجربا ٻڌايا. محترمه نور بانو (خيرپور)، محترمه بينظير (لاڙڪاڻو)، محترمه مُسرت ابڙو (جيڪب آباد)، محترمه هريا مارواڙي (سانگهڙ)، محترمه ذڪيه (بدين)، محترمه افروز سُپريو (قمبر-شهدادڪوٽ)، محترمه زُهره پنيرو (ٺٽو)، محترمه شهزادي ڪٽپر (سکر)، محترمه ارشاد

پروگرام جي سرگرمين ۾ شموليت سان سکڻ جو موقعو مليو، دنيا جي خبر پئي ۽ پنهنجي خاندان، ڪميونٽي ۽ معاشري جي بهتري لاءِ پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻ جو اُتساهه ۽ موقعو مليو آهي.

**بينظير (لاڙڪاڻو)**

غربت گهٽائڻ ۽ عورتن کي خودمختيار ڪرڻ شهيد بينظير ڀٽو جو خواب هو ۽ اسين منظم ۽ با اعتماد عورتون ان خواب جي تعبير آهيون.

**زکيه (بدين)**

مون ۽ منهنجي ڳوٺ جي ٻين عورتن زندگي ۾ ڪڏهن اهو نه سوچو هو ته ڪو اسين ڪاروبار ڪنداسين. هن وقت اسين ڪاروباري عورتون آهيون ۽ هاري ناهيون بلڪ زمين جون مالڪ ۽ مقاطيدارآهيون.اهو سڀ سنڌ حڪومت جي هن انقلابي پروگرام جي ڪري ٿيوآهي.

**افروز سُپريو (قمبر-شهدادڪوٽ)**

اهو ان پروگرام جي ڪاميابي جو مثال آهي ته مون جهڙي ڳوٺاڻي ۽ غريب عورت کي اعتماد ڏنو ۽ سيڪاريو آهي، جو آئون اڄ توهان سڀني جي سامهون ايڏي وڏي جلسي ۾ پنهنجا ويچار ونڊي رهي آهيان.

**محترمه مُسرت ابڙو (جيڪب آباد)**

اسين ڀهراڙيءَ جون عورتون سرسو پاران جوڙيل ڪميونٽي تنظيمن ذريعي پنهنجو پاڻ تسليم ڪرايو آهي ته عورتون به برابر جون انسان آهن، اهي به ترقي جي عمل ۾ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

**محترمه زُهره پنيرو (ٺٽو)**

## سرسو عمل ۾





اسين خوش آهيون تہ سنڌ حڪومت جي هن انقلابي پروگرام جو حصو آهيون. اسان جي علائقي ۾ عورتن جي زندگي ۾ واضع تبديلي آئي آهي. اهي خاندان توڙي ڳوٺ جي ترقي ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري رهيون آهن.

**محترم هريا مارواڙي (سانگھڙ)**

پهريون آئون ٻڪريون چاريندي هئس ۽ گهر جو گذارو مشڪل هو. پروگرام ذريعي سلائي جي هنري سکيا ورتي ۽ ڪاروبار ڪرڻ جو موقعو مليو

**محترم شريفان شر (خيرپور)**

اسين پهريون خواب ئي نہ ڏٺو هو تہ ڪو اسين گهر کان ٻاهر نڪري پنهنجي ڳوٺ جي ترقي لاءِ ڪم ڪنداسون ۽ هيڏي وڏي پروگرام ۾ شرڪت ۽ تقرير بہ ڪنداسون. اهوسڀ هن پروگرام ذريعي ممڪن ٿيو آهي. ان لاءِ سرسو ۽ سنڌ حڪومت جو ٿورو مڃيا ٿي.

**زينت چاچر - گهوٽڪي**

سنڌ حڪومت ۽ سرسو جي هن پروگرام جو حصو آهيان ۽ پڪو ويساھ آهي اسين عورتون غربت جي لڪير پار ڪري ڏيکاريند اسون.









سرسو عمل ۾



خاتون (ڪشمورايٽ ڪنڌڪوٽ)، محترمه نسيم ڪوسو (شڪارپور)، محترمه راڻي ملوڪاڻي (سانگھڙ)، محترمه نُصرت پٽي (خيرپور)، محترمه انو (ميرپور خاص)، محترمه زهرا (شڪارپور)، محترمه نائلا (لاڙڪاڻو)، محترمه شريفان شر (خيرپور) ، محترمه رُقيه (خيرپور) ۽ محترمه شهربانو (خيرپور).

عورتن ڪم دوران پيش آيل تڪليفون ۽ حاصل ڪاميابيون سڀني آڏو پيش ڪيون. انهن تفصيل سان پنهنجي ترقي واري سفر جون ڪهاڻيون ٻڌايون ۽ سندن ذاتي، گھريلو ۽ ڪميونٽي سطح تي آيل مثبت تبديلين جو پڻ ذڪر ڪيو، جن کي معزز مهمانن غور سان ٻڌو ۽ ڀرپور داد پڻ ڏنو.




## عوام جي غربت گھٽائڻ جو پروگرام سکر ۽ گھوٽڪي

### هڪ تعارف

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائزيشن غير سرڪاري تنظيم طور ڪمپنيز ايڪٽ 2017 جي سيڪشن 42 هيٺ رجسٽرڊ آهي. ان جو قيام سال 2003ع ۾ سنڌ حڪومت پاران مهيا ڪيل 1 ارب جي انڊومينٽ فنڊ ذريعي آندو ويو. سرسو جو نصب العين غربت کي شڪست ڏيڻ واري للڪار کي منهن ڏيڻ ۽ غريبن کي غربت جي لڪير کان مٿي آڻڻ، هڪ معياري زندگي گذارڻ ۾ سهڪار ڪرڻ ۽ ٻوئتي پيل ٻهراڙيءَ جي ماڻهن جي پنهنجي مدد پاڻ هيٺ صلاحيت اجاگر ڪرڻ آهي.

يونين ڪائونسل بيسڊ پاورٽي ريڊڪشن پروگرام The Union (Council Based Poverty Reduction Programme-UCBPRP) سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ سنڌ حڪومت جو پهريو بنيادي پروگرام هو، جنهن هيٺ سنڌ جي ٻهراڙِيءَ ۾ غربت گھٽائڻ لاءِ شراڪتداري شروع ڪئي وئي. اهو پهريون دفعو فيبروري 2009 ۾ سنڌ جي سماجي-معاشي ترقي جي حوالي سان سڀ کان پوئتي پيل ضلعن ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور ۾ شروع ڪيو ويو. پروگرام جي ڪل بجٽ 3

## سرسو عمل ۾



ان موقعي تي سرسو جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو سيني شرڪتڪارن کي پليڪار ڪندي پي پي آر پي پروگرام جو مختصر تعارف ۽ حاصل ڪيل اهم ڪاميابين بابت آگاهي ڏني ۽ تفصيل سان سماجي تحرڪ ۽ تنظيمن جي قيام ذريعي سنڌ جي ٻهراڙي جي غريب ترين گهراڻن خاص طور تي عورتن کي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ واري سوچ، حڪمت عملي ۽ ان جي اهميت بابت آگاهه ڪيو. پاڻ خاص طور تي سنڌ حڪومت پاران لڳاتار مدد مهيا ڪرڻ تي ٿورو مڃيو ۽ اميد ڏيکاري ته اها مدد ۽ رهنمائي اڳتي ﻪ جاري رهندي ته جيئن سنڌ جي ٻهراڙي مان غربت گهٽ ڪرڻ ۽ عورتن جي سماجي-معاشي طور سگهارو ڪرڻ وارو خواب پورو ٿي سگهي.



ارب روپيا هئي جڏهن ته ڪل عرصو 30 مهينا هو.

سنڌ حڪومت يو سي بي پي آرپي جي ڪاميابي کي ڏسي 2010 ۾ ان کي وڌيڪ ٻن ضلعن جيڪب آباد ۽ ٿرپارڪر ۾ وڌايو ويو. ان پروگرام جون ڪجهه اهم خاصيتون هيون جنهن جي ڪري ان کي هڪ ڪامياب پروگرام مڃي اڳتي وڌائڻ جو فيصلو ڪيوويو. پهريون پوري پروگرام ۾ ٻهراڙيءَ جي عورتن تي توجو ڏنو ويو ۽ غريب ترين گهراڻن جي چونڊ پاورٽي اسڪور ڪارڊ ذريعي ڪئي ويئي. ٻيو اهو سنڌ حڪومت جو پهريون پروگرام هو جنهن ۾ منظم طريقي سان ڪميونٽي جي شرڪت کي يقيني بڻايو ويو. ٽيون هڪ مربوط ۽ جامع ترقياتي پئڪيج ذريعي پوري يونين ڪائونسل جي غريب ترين گهراڻن سان ڪم ڪيو ويو. سڀ کان اهم اهو ڪم صرف 26 مهينن جي گهٽ عرصي ۾ ڪاميابيءَ سان مڪمل ڪيو ويو.

پروگرام غريب ترين گهراڻن کي پنهنجي سماجي سرمايي کي بهتر ڪرڻ ۾ درپيش رڪاوٽن کي هٽائڻ ۾ مدد ڪئي جهڙوڪ: انهن نندي قرضن ۽ آمدني وڌائڻ جي گرانٽس ذريعي پنهنجا معاشي/ پيداواري اثاثا بهتر بڻايا، نوجوانن جي فني تربيتن مهيا ڪرڻ ذريعي روزگار جا موقعا پيدا ڪيا ۽ ڳوٺن ۾ڪميونٽي تعميراتي اسڪمين ۾ مقامي ليبر کي استعمال ڪيو ويو.

پروگرام جي ڪامابين کي ڏسي ڪري يورپين يونين اڳتي آئي ۽ سنڌ حڪومت سان سڪسيس پروگرام (Sindh Union Council and Community Economic Strengthening Support Programme) (SUCCESS)جي نالي شروع ڪيو. هن وقت اهو پروگرام ٽن مختلف رورل سپورٽ آرگنائيزيشنس (RSPs) پاران سنڌ جي 8 ضلعن جهڙوڪ: لاڙڪاڻو، قمبر-شهدادڪوٽ، دادو، ڄامشورو مٽياري، ٽنڊوالهيار، ٽنڊو محمد خان ۽ سجاول ۾ هلي رهيو آهي.

سنڌ حڪومت سرسو پاران يو سي بي پي آر پي جي پهرين ۽ وڌايل فيز جي ڪاميابي کان پوءِ ان کي وڌيڪ 6 ضلعن ۾ شروع ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو. پروگرام جو نالو تبديل ڪري عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام Peoples' Poverty

## سرسو عمل ۾



آخر ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي محترم محمد عثمان عبدالله پروگرام ۾شرڪت ڪرڻ تي محترم بلاول ڀٽو، وزير اعليٰ سنڌ، چونڊيل نمائندن ۽ عورتن جو شڪريو ادا ڪندي چيو ته ”عورتن نظم و ضبط جو اعليٰ مثال قائم ڪيو آهي، جنهن سان انتظام سنڀالڻ ۾ ڀرپور مدد ملي آهي“. هن چيو ته سنڌ حڪومت جو هي پروگرام گهوٽڪي ۽ سکر جي غريب ترين گهراڻن جي عورتن لاءِ يقيني طور تي لاڀائتو ثابت ٿيندو.

تقريب جي ميزباني ۽ ڪاروائي پي پي آر پي سرسو جي ٽيم ليڊر محترم غلام رسول سميجو هلائي.

ان موقعي تي محترم بلاول ڀٽو ۽ سيد مراد علي شاهه هٿان نشاندهي ڪيل غريب ترين گهراڻن جي عورتن کي ننڍا ڪاروبار ڪرڻ ۽ گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير لاءِ چيڪ پڻ ڏياريا ويا.تقريب ۾ سرسو جي سرتين سنگ ڀاران عورتن جي هنرن جو اسٽال ۽ ڪاميابيءَ جي پٽ (The wall of SUCCESS) پڻ لڳايو ويو هو. جن کي محترم بلاول ڀٽو ۽ سيد مُراد علي شاهه سميت سڀني مهمانن وزٽ ڪيو ۽ ساراهيو.



(Reduction Programme-PPRP) رکيو ويو. سرسو هي پروگرام خيرپور، سانگهڙ، عمر ڪوٽ، ميرپورخاص، بدين ۽ ٺٽي ۾ عمل هيٺ آڻي رهي آهي. پروگرام جو ڪل عرصو 6 سالن (2017-2023) آهي جڏهن ته ڪل بجٽ 8.974 ارب روپيا رکي وئي آهي. پروگرام 6 ضلعن جي 35 تعلقن جي 385 ۾ يونين ڪائونسلن ۾ وڏي ڪاميابيءَ سان هلي رهيو آهي.

عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام سنڌ حڪومت جو سنڌ جي ٻهراڙي جي غريب ترين گهراڻن جي سماجي-معاشي حالت بهتر بڻائڻ جو انقلابي پروگرام آهي. پروگرام جو مکيه مقصد سڀ کان پوئتي پيل ڪميونٽين جي زندگي جي معيار کي بهتر بڻائڻ آهي. جڏهن ته خاص مقصد ٻهراڙي ۾ رهندڙ ڏتڙيل آبادي جي سماجي تحرڪ ذريعي صلاحيت وڌائڻ ، مقامي ڪميونٽي کي جياپي جي ذريعن کي بهتر ڪرڻ ۽ انڪم جنريٽنگ گرانٽس ۽ ڪميونٽي انويسٽ فنڊ ذريعي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ آهي. پروگرام رورل سپورٽ پروگرام جي سماجي تحرڪ جي ٽن سطحن (پاڙو، ڳوٺ ۽ يوسي) واري حڪمت عملي تحت عمل آندو پيو وڃي. جنهن جو پور محور ڳوناٽي عورتون آهن.

عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام جو چوٿون فيز سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ شروع ڪيو ويو. هيٺ پروگرام جون اهم خاصيتون هيٺ ڏجن ٿيون.

| | |
|---|---|
| پروگرام جو عرصو: | 5 سال (2019 کان 2023 |
| ڪل بجٽ: | 5.90 ارب روپيا |
| ڪم جو دائرو: | 2 ضلعا (سکر ۽ گهوٽڪي) |
| يونين ڪائونسل: 103 | تعلقا: 09 |
| منظم ٿيندڙ گهراڻا: | 252،434 |
| وليج آرگنائيزيشنس جو قيام: | 1،753 |
| لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس جو قيام: | 103 |
| انڪم جنريٽنگ گرانٽس حاصل ڪندڙ گهراڻا: | 10،000 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ حاصل ڪندڙ گهراڻا: | 100،000 |
| ووڪيشنل ٽريننگ مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا: | 9،000 |
| گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير | 10،00 |
| بزنس ڊولپمينٽ گروپس جو قيام: | 71 |
| ڪچن گارڊننگ حاصل ڪندڙ گهراڻا: | 10،000 |

تعليم ۽ تربيت

# ڪاروبار جي ترقي ۽ انتظام ڪاري

## بنيادي اصطلاح ۽ انهن جي معنيٰ

چونڊ ۽ ترتيب: قلندر بخش ڪورائي (اسسٽنٽ مئنيجر- آءِ ايم ايس ڊي)
سرسو هيڊ آفيس سکر

**ڪاروبار جي تعريف**

شين يا خدمتن جي پيداوار، خريدڻ ۽ وڪڻڻ جي متعلق اهڙو ڪم جيڪو منافعو ڪمائڻ جي مقصد سان ڪيو وڃي ان کي ڪاروبار چيو ويندو آهي.

**ڪاروبار جا قسم**

1. شيون ٺاهڻ/پيداوار: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ مختلف شين کي ٺاهيو ويندو آهي. مثال طور: موبائل ڪور ٺاهڻ، ڊور بلز ٺاهڻ، صرف، بسڪٽ، صابڻ وغيره.

2. واپار: اهڙو ڪاروبار جن ۾ شين کي خريد ۽ وڪرو ڪيو ويندو آهي. مثال طور: ڪرياڻه اسٽور، دوائن جو اسٽور، ڪپڙي جو دوڪان وغيره.

3. خدمتون: اهڙا ڪاوبار جن ۾ مختلف شين ۽ مهارتن کي گراهڪن تائين پهچايو ويندو آهي. مثال طور: اُستاد، ڊاڪٽر، بيوٽي پارلر، نرس وغيره.

**ڪاروبار جو دائرو**



1. موقعن جي نشاندهي: علائقي جو جائزو، ممڪن ڪاروبارن جي نشاندهي، ڪاروبار جي چونڊ، مارڪيٽ جي جانچ ۽ فزيبلٽي

2. وسيلن کي گڏ ڪرڻ: موڙي، افرادي قوت، ڪچو مال/خام مال، هنر مهارت، مالي وسيلن تائين پُهچ، ٽرانسپورٽ، جڳهه، مارڪيٽ سان رابطو

3. ڪاروبار شروع ڪرڻ: ذميوارين جي ورڇ، شيون/خدمتون، ڪچي مال جو اسٽاڪ، پيڪنگ ۽ پڪيچنگ، ريڪارڊ رکڻ، مارڪيٽ ۽ اشتهار

4. منافعي جي بنياد تي هلائڻ ۽ وڌائڻ: وسيلن جي انتظامڪاري جو انتظام، افرادي قوت، مالي وسيلا، ڪچو مال، مشيون ۽ ساز ۽ سامان، معيار ۽ ڪنٽرول ۾ سرمايه ڪاري

**ڪاروبار درجا**

1. انڪم جنريشن: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ ڪو شخص ڪاروباري دائري جي ڪنهن هڪ يا ٻين مرحلن کي پنهنجي روزگار جو ذريعو بڻائي.

2. سيلف ايمپلائيمنٽ: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ ڪاروبار جي سيني مرحلن جي انتظام ڪاري هڪ ئي شخص ڪري.

3. انٽرپرينوئرشپ: اهڙو ڪاروبار جنهن ۾ سيني مرحلن جي انتظام ڪاري پاڻ ڪري ۽ سڌي ۽ اڻ سڌي طرح ٻين ماڻهن کي ڪاروبار جي انهن مرحلن جي ڪري روزگار مهيا ڪري.

**ڪاروبار جي زنجير**

هڪ ڪاروبار مختلف ڪاروبارن سان جوڙيل هوندو آهي ۽ اهي ئي ڪاروبار جا رابطا هوندا آهن.

## تعليم ۽ تربيت



1. گراهڪ: سامان وڪڻڻ وارو، ٻڌو وڪڻڻ وارو، پرت پريندڙ، ڪچو مال موڪليندڙ

2. مددگار خدمتون ۽ شيون: بند ڪرڻ، سيکارڻ، سامان موڪلڻ قرض/اوڌر

3. مناسب ماحول: ثقافتي ۽ سماجي، پاليسي ۽ قانون سازي ناٽو

**ڪاروباري شخص جون صلاحيتون**

تحقيق ثابت ڪيو آهي تہ ڪامياب ڪاروباري ٿيڻ لاءِ هڪ شخص کي ڪاريگري ۽ هنر کان علاوه ڪجهہ ٻين صلاحيتن جي بہ ضرورت هوندي آهي. ذاتي ڪاروباري صلاحيتون جي هميشہ ضرورت رهندي آهي. انهن صلاحيتن کي ٽن حصن ۾ ورهايو ويو آهي.

1. ڪاميابي يا مقصدن جي تڪميل جون صلاحيتون: هي صلاحيتون ابتدائي موقعن جي نشاندهي ۽ وسيلن کي گڏ ڪرڻ جي مرحلي ۾ ڏاڍيون اهم هونديون آهن، جيڪي انهن جي صلاحيتن ۾ ڪمزور هوندا آهن، انهن کي ڪاروبار شروع ڪرڻ ۾ ڏُکيائي ٿيندي آهي. جهڙوڪ: پهريون قدم کڻڻ ۽ موقعن جي شناخت/سڃاڻپ، ثابت قدمي، خطرو کڻڻ، گهٽ وقت ۾ بهتر ۽ گهڻي ڪم ڪرڻ جو جذبو ۽ واعدي مطابق ڪم ڪرڻ.

2. رٿابندي جون صلاحيتون: هي صلاحيتون ڪاروباري دائري جي وسيلن کي گڏ ڪرڻ ۽ ڪاروبار شروع ڪرڻ جي مرحلن جي لاءِ ڏاڍيون اهم هونديون آهن. جيڪي صلاحيتن جي هن مجموعي ۾ ڪمزور هوندا آهن، انهن کي وقت تي ڪم مڪمل ڪرڻ، معيار قائم رکڻ ۽ گراهڪن کي برقرار رکڻ ۾ هميشہ ڏکيائون سامهون رهنديون آهن. جهڙوڪ: حدف جو تعين ڪرڻ، معلومات جي تلاش ۾ رهڻ ۽ مرحلا ۽ رٿابندي.

3. اختيار يا اثر رسوخ جون صلاحيتون: هي صلاحيتون وسيلن کي گڏ ڪرڻ، گهڻو منافعو ڪمائڻ ۽ ڪاروبار کي وڌائڻ جي مرحلن جي لاءِ ڏاڍيون اهم هونديون آهن، جيڪي هن صلاحيتن ۾ ڪمزور هوندا آهن، انهن کي ڪاروبارکي هڪ خاص حد کان اڳتي وڌائڻ ۾ ڏکيائي ٿيندي آهي. جهڙوڪ: رابطاسازي، خودمختياري ۽ خود اعتمادي.

**ڪاروبار جي موقعن جي چونڊ، مسئلن ۽ وسيلن سان ڪاروبار**

اها حقيقت آهي تہ علائقي جي مسئلن ۽ وسيلن سان ئي ڪاروبار ڪري ڪيو وڃي ٿو. اگر ڪو شخص جيڪو ڪاروبار شروع ڪرڻ جو خواهشمند آهي تہ ان کي سمجهہ ۾ ڪو نہ ٿو اچي تہ ڪهڙو ڪاروبار شروع ڪجي تہ ان کي پنهنجي علائقي جي آس پاس جي مسئلن ۽ وسيلن کي ڏسي ۽ انهن سان ڪاروبار شروع ڪرڻ جو سوچي. ان کي اهو ڏسڻ گهرجي تہ مسئلن ۽ وسيلن سان ڪهڙا ڪاروبار شروع ڪري سگهجن ٿا ۽ مسئلن ۽ وسيلن سان ڪهڙن ڪهڙن ڪاروبارن کي شروع ڪرڻ يا وڌائڻ ۾ مددگار ٿي سگهن ٿا.

**فزيبلٽي جا اهم عنصر**

1. ڪاروبار جي چونڊ: پنهنجي ڪاروبار جي پيداوار يا خدمتن جي وضاحت ڪريو ۽ بيان ڪيو تہ اوهان جي ڪاروبار جي نوعيت، پيداوار، تجارت يا خدمتون هونديون يا انهن مان ڪجهہ جو مجموعو.

2. خريدار جو اندازو لڳائڻ: وضاحت ڪريو تہ اوهان جا خريدار ڪير هوندا ۽ ڇا اهي انهيءَ رقم تي خريد ڪري سگهندا جيڪا اوهان جي ذهن ۾ آهي.

3. وسيلن جو اندازو: اهڙن تمام وسيلن جو اندازو لڳائڻ جيڪي اوهان کي ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ ڪم ايندا. جهڙوڪ: عام ضرورت جو سامان، مزدوري، ٽرانسپورٽ، ورهائڻ جا ذريعا، پيڪنگ، مشهوري ۽ يوٽيلٽي

## تعليم ۽ تربيت

بل وغيره.

4. خرچن جو اندازو لڳائڻ: ڪاروبار شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ لاءِ گهربل رقم ۽ خرچن جو اندازو لڳائڻ.

5. آمدني جو اندازو: پنهنجي شين مان حاصل ٿيندڙ آمدني جو اندازو لڳائڻ.

6. فيصلو ڪرڻ: اهو فيصلو ڪرڻ ته ڪاروبار اوهان جي لاءِ ممڪن آهي ۽ اهو فيصلو ڪرڻ ته ڇا اهي ڪاروبار منهنجي تجويز ڪيل منافعي ڏيڻ جي قابل ٿيندو آهي يا نه.

**مارڪيٽنگ جا اهم عنصر**

مارڪيٽنگ اهڙو عمل آهي جيڪو واپاري پنهنجي گراهڪ جي ضرورت ڄاڻڻ، پورو ڪرڻ ۽ منافعو ڪمائڻ لاءِ ڪندو آهي. جڏهن ته مارڪيٽ اها جڳهه آهي جتي واپاري ۽ گراهڪ منافعي جي غرض سان خريد ۽ وڪرو ڪندا آهن.

1. شيون ۽ خدمتون: معياري، تيز تر ۽ منفرد
2. جڳهه: آسان رسائي، مرڪزي ۽ صاف سٿري
3. قيمت: گراهڪ جي خريد ڪرڻ جي قوت/سگهه مطابق
4. پيڪنگ ۽ پيڪيجنگ: مضبوط، معياري، پُرڪشش ۽ ماحول دوست
5. مشهوري: شين جي معلومات، گراهڪ کي راغب ڪرڻ
6. ڪاروبار شخص: با صلاحيت ۽ با ڪردار

**اثاثن جو انتظام ۽ نظام**

اثاثو معاشي ۽ معاشرتي قدرن سان گڏوگڏ هڪ اهڙو وسيلو آهي، جنهن کي فرد، گهراڻو يا مالڪ ان جي ملڪيت رکندو




آهي، ان جي استعمال تي ان کي مڪمل اختيار هوندو آهي جيئن دور حاضر يا ايندڙ وقت ۾ ان جو فائدو حاصل ڪري سگهي.

ماڻهن کي سستي ناٽي واري ذريعي لاءِ مختلف اثاثن جي اهميت ۽ پاڻ ۾ تعلق کي سمجهڻ ضروري آهي. جو هڪ اثاثو معيشت کي بهتر بڻائڻ لاءِ ڪافي ناهي، تنهنڪري سڀني اثاثن کي ڪم ۾ آڻڻ لازمي هوندو آهي.

1. انساني اثاثا: هنر/مهارت، علم/تعليم، سٺي صحت، ڪم ڪرڻ جي صلاحيت، مثبت سوچ ۽ رويا وغيره.
2. قدرتي اثاثا: زمين، ٻيلا، قدرتي ماحول، پاڻي، جهنگلي جيوت، سامونڊي جيوت وغيره.
3. سماجي اثاثا: ماڻهن سان تعلق، گروپن جي ميمبرشپ، ادارن تائين پُهچ، تعليم. صحت. خوراڪ جي سهولت، رابطا ۽ آمد و رفت
4. مادي اثاثا: محفوظ پناهه ۽ عمارت، صحت جي حفاظت جا قدم، پاڻي جي فراهمي، توانائيءَ جا ذريعا، سماجي ۽ معاشي حالتن کي بهتر ڪرڻ لاءِ بنيادي ڍانچو ۽ سامان، سستي آمد ۽ رفت ۽ لڏپلاڻ
5. مالي اثاثا: روڪ رقم/بچت، چوپايو مال، بئنڪ اڪائونٽ، سون ۽ زيور، ڪمائيءَ جا ذريعا، پينشن وغيره.

**بجيٽ**

بجيٽ هڪ مالي اندازو آهي، جيڪو آمدني ۽ خرچن جي وچ ۾ توازن رکڻ لاءِ مدد ڏيندو آهي.

**بچت**

بچت مان مراد پئسن کي محفوظ ڪرڻ، جمع ڪرڻ ۽ بچائي رکڻ آهي. ان لاءِ آمدني کان گهٽ خرچ ڪرڻ ۽ هر ڏينهن ، هفتي يا مهيني ۾ ڪجهه نه ڪجهه بچت ضروري آهي.

جهڙوڪ: پاندارو، ڪميٽي ۽ بئنڪ وغيره.

**سرمايه ڪاري**

پنهنجي پئسي کي ڪنهن اهڙي مقصد لاءِ استعمال ڪرڻ جنهن سان اوهان کي مالي فائدو حاصل ٿئي، ڪنهن اهڙي شيءِ تي پئسو خرچ ڪرڻ جنهن سان مستقبل ۾ منافعو ڪمائي سگهجي يا ڪنهن اهڙي شيءِ کي خريد ڪرڻ جنهن

## تعليم ۽ تربيت





مان مستقبل ۾ آمدني ۾ اضافو ٿئي. سرمائيڪاري محفوظ هجڻ گهرجي، ان مان اسان کي گهٽو منافعو ٿيڻ گهرجي ۽ ضروري آهي ته سرمائيڪاري اهڙي هجي ته جڏهن وٽي ته ان کي پئيسي جي صورت ۾ ڏئي سگهون جيئن پرائيز بانڊز ۽ مختلف ٽيفڪٽ خريد ڪرڻ .

**قرض**

قرض اها رقم آهي جيڪا ڪجھ وقت تائين استعمال ڪري سگهجي ٿي. هڪ خاص مقرر وقت کان بعد هيءَ رقم قرض ونندڙ کي واپس ڪرڻي پوندي آهي. عام طور تي قرض جي واپسيءَ تائين هڪ خاص رقم قسط سان گڏ ڏيڻي پوندي آهي.

**صارفين جا حق**

ڪنهن به حوالي سان ڪائي دعويٰ جيڪا سٺي، بهتر ۽ اخلاقي پئماني تي پوري لهي. جهڙوڪ: احترام سان پيش اچڻ، پنهنجي مرضي جي مطابق خدمتن کي چونڊي سگهڻ، واضع، سچي ۽ وقت سر معلومات جي فراهمي، صارفين جي ڳالھ ٻُڌڻ ۽ صارفين جي معلومات کي راز ۾ رکڻ وغيره.

**صارفين جا فرض**

قرض ڪنهن به معاهدي جي نتيجي ۾ ورتل ذميداري جو احترام ڪرڻ آهي. جهڙوڪ: ٻين جو احترام ڪيو وڃي. قرض تي ڏيندڙ خرچن جي ذميواري، قرض جي شرطن ۽ ضابطن کي پورو ڪرڻ، صحيح ۽ وقت تي معلومات جي فراهمي ۽ ٻين جي ذاتي معلومات جو تحفظ وغيره.

***(حوالو: سکيا لاءِ ڪتابچو براءِ ڪاروبار جي واڌ ويجھ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام - حڪومت پاڪستان پاران: سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن  تيارڪندڙ: پروفيسر امتياز احمد پيرزادو)***



### ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

# عمارا خاتون جي ڪهاڻي

*(سرسو مائڪرو فنانس پروگرام مان فائدو وٺندڙ ۽ ڪاميابي سان ڪاروبار ڪندڙ جي ڪهاڻي)*

اقرار احمد سهتو
(سينيئر پروگرام آفيسر، مانيٽرنگ ۽ ويريفيڪشن) مائڪرو فنانس
سرسو هيڊ آفيس سکر

| | |
|---|---|
| **فائدو حاصل ڪندڙ** | عمارا خاتون |
| **مڙس جو نالو** | غلام حيدر |
| **ڏس پتو** | ويجهو حضوري پير ڪلهوڙا ڪالوني، مورو ضلعو نوشهرو فيروز |
| **ڪميونٽي آرگنائيزيشن جو نالو** | صفيه ڪميونٽي آرگنائيزيشن |
| **ڪاروبار جو قسم** | ٽيلرنگ ۽ ڪلاٽ سينٽر |

عمارا خاتون هڪ غريب گهراڻي سان تعلق رکي ٿي، جنهن پنهنجي مڙس غلام حيدر کي گهر جي ضروري خرچن ۾ مدد ڪرڻ جي خواهش ڏيکاري ڇو ته غربت سبب گهر جو گذارو مشڪل سان ٿي رهيو هو. هن جو مڙس هڪ پرائيويٽ ايمبولينس جو ڊرائيور آهي. هي پنهنجن 3 ٻارن سان مورو شهر جي ڪلهوڙا ڪالوني ۾ رهي ٿي.

عماره جي خواهش هئي ته هوءَ هڪ ووڪيشنل سينٽر کولي جنهن ۾ غريب نياڻين کي هنري سکيا ڏئي پنهنجي روزگار ڪرڻ جي قابل بڻائي.



پنهنجي ان خواهش بابت عمارا خاتون ٻڌائي ٿي ته ”جلد شادي ٿي وڃڻ ۽ هڪ پٽ جو اولاد ٿيڻ کان پوءِ پنهنجي خواهش کي پورو ڪري نه سگهس. پنهنجي حالتن تي غور ڪيو ۽ فيصلو ڪيو ته گهر جي معاشي حالت بهتر ڪرڻ ۽ پاڙي جي غريب عورتن جي بهتري لاءِ ڪو ڪاروبار شروع ڪيان.“

پنهنجي خواهش کي عملي شڪل ڏيڻ بابت وڌيڪ ٻڌايو ته ” اسان جو غربت کي گهٽائڻ لاءِ ڪم ڪندڙ اداري سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سان رابطو ٿيو.سرسو پاڙي سطح تي گروپ جوڙڻ، بچت ڪرڻ ۽ ڪو به ڪاروبار ڪرڻ جو پلان جوڙڻ جو مشورو ڏنو. تنهن کان آئون پاڙي جي ٻين عورتن سان ڳالهه ٻولهه ڪئي ۽ گڏيل راءِ سان پاڙي سطح تي صفيه ڪميونٽي آرگنائيزيشن جوڙي.. تنظيم جڙڻ کان پوءِ اسين ڪاروبار ڪرڻ جو منصوبو جوڙيو ۽ سرسو مائڪرو فنانس سان رابطو ڪيو ۽ قرض جي درخواست ڪئي. جنهن پهرين مرحلي ۾ 20،000 هزار روپين جو قرض منظور ڪيو. سرسو

# ڪاميابيءَ جون ڪھاڻيون

پاران قرض جي صحيح استعمال، واپسي ۽ رڪارڊ سان گڏ ڪاروبار شروع ڪرڻ، ان جو بهترانتظام ۽ وڌائڻ جي حوالي سان رهنمائي ڪئي ۽ مفيد مشورا پڻ ڏنا.“

مليل قرض مان ڪپڙن جي سلائيءَ لاءِ هڪ مشين ورتي ۽ ڪجھ ڪچو مال خريد ڪري گھر ۾ ئي ڪپڙا سبڻ شروع ڪيا . آءَ روزاني 3 جوڙا سبي سگھيس پئي، جنهن مان پڻ بهتر آمدني حاصل ٿي رهي هئي. ان ڪان پوءِ پنهنجي ڪم کي هڪ ڪاروبار طور ڪرڻ ۽ وڌائڻ جو سوچو ۽ ان لاءِ محلي جي ٻين غريب عورتن کي شامل ڪيو تہ جيئن انهن غريب عورتن کي آمدني جو ذريعو ملي ۽ اهي بہ پنهنجي گھر جي معاشي حالت بهتر ڪرڻ ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪري سگھن“.

ڪجھ وقت ڪم ڪرڻ ڪانپوءِ ڪيس هن ڪاروبار جي خبر پئجي وئي هئي ۽ سمجهي پئي تہ ٻيون عورتون بہ گھر جي سطح تي اهو ڪم ڪري پنهنجي آمدني ۾ اضافو آڻي سگھن ٿيون. ان ڪري عمارا پنهنجي سلائي واري ڪم کي ڪاروبار جي بنياد تي وڌائڻ جو منصوبو جوڙيو. ڪيس اها چڱي طرح ڄاڻ هئي تہ ڪپڙن، ڪڙھائي ۽ گارمينٽس جو ڪاروبار پاڪستان ۾ وڌي رهيو آهي ڇو تہ ان جي کپت ملڪ اندر توڙي ملڪ کان ٻاهر بہ آهي. گھريلو سطح تي گارمنيٽس، سلائي ۽ ڪڙھائي جون فيڪٽريون گھٽ آهن. ان ڪري عورتون اهو ڪم ڪري پنهنجي آمدني ۾ اضافي آڻي گھر جي معاشي حالت بهتر بڻائي سگھن ٿيون. مون محلي جي 7 غريب گھراڻن جي ڇوڪرين کي سلائي مرڪز تي سلائي جو ڪم سيکارڻ شروع ڪيو ۽ پنهنجي ڪاروبار ۾ شامل ڪيو.

عمارا خاتون پنهنجي ڪاروبار بابت وڌيڪ ٻڌايو تہ ” مون هڪ سلائي مشين سان ڪم شروع ڪيو، هينئر اهو ٽيلرنگ، گارمينٽ ۽ ڪلاٿ سينٽر سان گڏوگڏ عورتن جي تربيت، روزگار ۽ ڪاروبار لاءِ ڪم ڪري رهي آهيان. سلائي مرڪز تي فيبرڪس، سبيل ۽ اڻ سبيل عورتن ۽ ٻارن جا ڪپڙا تيار ۽ وڪرو ڪيا وڃن ٿا ۽ ساليانی 480،000 روپيا منافعوڪمائي رهي آهيان. مون سرسو پاران قرض جا 5 سائيڪل ڪاميابيءَ سان پورا ڪري چڪي آهيان.“

عمارا چوي ٿي تہ هن جي ڪاروبار ڪرڻ ۽ آمدني ۾ اضافو ٿيڻ سان سندس گھر جي معاشي حالت ۾ واضع بهتري آئي آهي. گھر ۾ تمام بنيادي سهولتون جهڙوڪ: فرج، واشنگ مشين ، سولر سسٽم وغيره موجود آهن. .سني خوراڪ ۽ صحت تي خرچ ڪيون ٿا ۽ ٻار پڻ سٺي تعليم حاصل ڪري رهيا آهن.

عمارا سرسو جي مائڪرو ڪريڊٽ سهولت بابت ٻڌايو تہ ”سرسو جي وقت سر مدد ۽ رهنمائي سبب مون پنهنجي نڌپڻ واري خواهش سچ ڪري ڏيکاري. پنهنجي هنر کي ڪتب آڻيندي گھر کان علاوه پاڙي جي عورتن جي زندگي ۾ بہ بهتري آندي آهي ۽ ثابت ڪيو آهي تہ عورتون بہ ڪاروبار ڪري گھر جون مالي ضرورتون پوري ڪرڻ پاڳي پائيوار ٿي سگھن ٿيون.“





### ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

# گلستان خاتون جو خاندان غربت جي لڪير پار ڪرڻ جي رستي تي

**پيداواري اثاثو  غريب ترين گهراڻن لاءِ روڪ رقم  ۽  بهتر معاشي حالت پيدا ڪرڻ جو ذريعو بڻجي ٿو**

*(سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) پاران شڪارپور ۽ ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ضلعن ۾ حڪومت پاڪستان، انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ ۽ پي پي اي ايف جي سهڪار سان هلندڙ پاورٽي گريجوئيشن پروگرام (اين پي جي پي) هيٺ مليل پيداواري اثاثي مان ڪاروبار ڪندڙ جسماني معذوري جو شڪار عورت جي ڪهاڻي)*

پاڪستان جي ٻهراڙي واري علائقن ۾ غريب ترين خاندانن جو زندگي گذارڻ هڪ وڏو چئليج آهي. ٻهراڙي جي عورتن ۾ معاشي سرگرمي ۾شرڪت ڪرڻ جي وڏي صلاحيت آهي جيڪڏهن انهن کي سازگار ماحول ۽ مناسب مالياتي ۽ جياپي جا موقعا مهيا ڪيا وڃن. گلستان خاتون اهڙين حوصلي وارين عورتن مان هڪ آهي، جيڪي ملڪ جي ڏورانهن علائقن ۾ رهن ٿيون. گلستان خاتون جو تعلق سنڌ صوبي جي ضلعي ڪشمورايٽ ڪنڌڪوٽ جي ڳوٺ هيبت خان باچڪاڻي سان آهي. ڪشمور ضلعو هڪ زرعي معيشت وارو آهي. ماڻهن جي اڪثريت جو روزگار جو ذريعو هارپو ۽ مزدوري آهي. گلستان خاتون جي مڙس جي ڪمائي جو ذريعو مڇي مارڻ تي آهي، جيڪو پڻ محدود آهي. ڇو ته اهو موسمي روزگار آهي ۽ آمدني بہ گهٽ آهي. ان ڪري ان جي خاندان جي کاڌ خوراڪ لاءِ نا ڪافي آهي. اهو ڪو ٻيو ڪم بہ ڪونہ ٿو ڪري، جنهن



# ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

سان هو پنهنجي خاندان جون بنيادي ضرورتون پوريون ڪري سگهي

*”مون کي اهي ڏينهن چڱي طرح ياد آهن، جڏهن منهنجا ٻار بغير کائڻ جي سمهي پوندا هئا. اسان وٽ انهن کي کارائڻ لاءِ پورو کاڌو به نه هوندو هو انهن جي تعليم جاري رکڻ ته پري جي ڳالهه آهي.“ گلستان چيو.”آءُ سوچي رهي هئس ته ڪيئن پنهنجي خاندان کي ان ڏکي ۽ مجبوري واري حالت مان ٻاهر ڪڍان.؟ منهنجي پيدائشي جسماني معذوري مون کي ڪنهن به وڏي جسماني  ٻار کڻڻ واري ڪم کان روڪي رکيو هو مگر مون ڪڏهن به ان معذوري کي پنهنجي ڪمزوري نه سمجهيو.“*

گلستان جي گهريلو مسئلن جو حل سندس مڙس کي مڇي مارڻ  واري ڪم ۾ مدد ڪرڻ ۾ نه هو، پر ان کي گهريلو سطح تي پاڻ کو ڪاروبار (انٽرپرائيز) شروع ڪرڻ ۽ هلائڻ ۾ هو. ان ڪري هن پنهنجي گهر ۾ دوڪان کوليو.

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) حڪومت پاڪستان جي احساس آمدن هيٺ انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ (IFAD) ۽ پاڪستان پاورٽي ايليويئيشن فنڊ (PPAF) جي سهڪارسان نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پرگرام (National Poverty Graduation Programme-NPGP) ڪشمور ايٽ ڪنڌڪوٽ ۽ شڪارپور ضلعن ۾ شروع ڪيو. پروگرام جي اهم سرگرمي طور مستحق گهراڻن ۾ پيداواري اثاثا ورهائڻ شروع ڪيا ويا آهن ۽ انهن کي تربيت مهيا ڪئي پئي وڃي ته ڪيئن ڪاروبار جي ترقي ذريعي هڪ معياري زندگي گذاري سگهجي ٿي.

سرسو ٽيم ۽ ڪميونٽي آرگنائيزيشن ”الله بچائي“ جي همت افزائي سان گلستان تنظيم ۾ شامل ٿي ۽ اميد ڏيکاري ته ڪاروبار جي ترقي ذريعي ان جي خاندان جي آمدني ۾ اضافو ٿيندو، بهتر زندگي گذارڻ جي قابل ٿي غربت واري زندگيءَ کان هميشه لاءِ جان آجي ڪرائي ويندا. مستحق گهراڻن جي جائزي دوران گلستان جو گهراڻو به سڀ کان غريب گهراڻي طور سامهون آيو. سرسو ان کي جياپي جي سيڙپ وارو منصوبو جوڙڻ ۾سهولتڪاري پڻ ڪئي. جنهن ڪانپوءِ ڪرياڻه دوڪان لاءِ ضروري سامان ڳوٺ سطح تي ٺهيل پروڪريومينٽ ڪاميٽي جي مدد سان خريد ڪيو ويو.

هاڻي هي پنهنجي وڏي ڌيءَ جي مدد سان ڪرياني جو ڪاروبار ڪري رهي آهي. گلستان سماجي ذميداري هيٺ پنهنجي دوڪان تي صحت لاءِ نقصانڪار شيون جهڙوڪ: سگريٽ وغيره نٽي وڪرو ڪري. سال جي اندر ئي هڪ مناسب منافعو ڪمائڻ شروع ڪيو ۽ روزانو 3000 هزار کان 4000 هزار روپيا ڪمائي رهي آهي. جڏهن ان جي دوڪان ۾ موجود سامان جي ڪل قيمت 100،000 روپين جي لڳ ڀڳ آهي.

*”آءِ ايف اي ڊي جي مالي مدد سان هلندڙ اين پي جي پي جي جياپي ۾ روزگار جي مدد مونکي غربت جي ڏٻڻ مان ٻاهر نڪرڻ جي همٿ ۽ اعتماد ڏنو. هينئر اسين مڇي مارڻ واري ٽوري ٽائيم واري روزگار تي نٽا پاڙيون. اسان جو نئون ڪاروبار اسان کي روزاني جي بنياد تي بهتر آمدني ڏئي رهيو آهي. اسين ڪاروبار مان حاصل ٿيندڙ آمدني مان ڪجهه رقم پنهنجي ڪاروبار کي ترقي ونرائڻ لاءِ ڪتب آڻي رهيا آهيون. جڏهن ته باقي آمدني مان گهر جون ضرورتون پوريون ڪريون ٿا، خاص طور ٻارن جي بهتر تعليم ، خاندان جي سني خوراڪ ۽ صحت تي به خرچ ڪري رهيا آهيون.“*

گلستان جو خاندان انهن هزارين خاندانن مان هڪ آهي جيڪو انٽرنيشنل فنڊ فار ايگريڪلچرل ڊولپمينٽ جي مالي سهڪار سان هلندڙ نيشنل پاورٽي گريجوئيشن پروگرام مان فائدو حاصل ڪيو آهي ۽ غربت مان هميشه لاءِ جان آجي ڪرڻ جي واٽ تي سفر شروع ڪري چڪا آهن. پروگرام جو مقصد آبادي جي غريب ترين گهراڻن(پاورٽي اسڪور ڪارڊ 0 کان 18) کي جياپي لاءِ وسيلا ۽ تربيت مهيا ڪرڻ آهي. جنهن ۾ پيداواري اثاثا، مهارتن جي ترقي، اثاثن جي انتظامڪاري ۽ حڪومت جي بغير وياج قرض (Interest Free Loan-IFL) جي اسڪيم (پاورٽي اسڪور ڪارڊ 12 کان 40) ۽ پنهنجي ڪاروبارن کي وڌائڻ لاءِ رابطاڪاري شامل آهي.

### ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

# موهن جو دڙو جي ثمرين سولنگي جيڪا مٽيءَ کي ”سون“ بڻائي ڇڏي ٿي

*رياض سهيل*

*بي بي سي اُردو ڊاٽ ڪام لاڙڪاڻو*

ثمرين سولنگي جڏهن پيدا ٿي ته ان جي ڏاڏي چيو ته ”هي سونين آڱرين واري ڇوڪري آهي“ وقت گذرندو رهيو ۽ جڏهن ثمرين مٽي ۾ پنهنجا هٿ وڌا ته واقعي ان کي سون بڻائي ڇڏيو.

ثمرين سولنگي موهن جو دڙو جي ويجهو ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ ۾ رهندي آهي. هوءَ چيڪي مٽي مان زيور ۽ موهن جي دڙو مان ظاهر ٿيل مورتين ۽ مُهرنِ جي انداز ۾ شيون ٺاهيندي آهي.

20 سالن جي ثمرين سولنگي جو چاچو ۽ والد به موهن جي دڙو مان نڪتل راهب، رقاصہ، مُهرنِ ۽ هاٿي وغيره جي طرز تي فن پارا ٺاهيندا آهن. هن اهو ڪم پنهنجي والد کان سکيو هو جيڪو آثار قديم جي کاتي ۾ معمولي ملازم هو.



## ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون



ثمرين ٻڌائي ٿي ته ان کي ننڍپڻ کان ئي مٽيءَ مان شيون ٺاهڻ جو شوق هو. ان ڪري اها اسڪول نه وئي ۽ اهو ئي ڪم شروع ڪيو. هاڻي اها سڀ ڪجهه ٺاهي وٺي ٿي.

### درياءَ جي مٽي

ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ سنڌو دريا جي ويجهو قائم آهي، جتان هو اها مٽي کڻي اچن ٿا. ان مٽي کي پهريون سُڪايو وڃي ٿو، ان کان پوءِ ان کي سنهو ڪيو وڃي ٿو. سنهي مٽي کي معدو چيو ويندو آهي. ثمرين جي چواڻي ته معدو مٽي ڪڍڻ کان پوءِ باقي مٽي ۾ پاڻي وجهي ان کي ڳوهيو ويندو آهي جڏهن ته معدو ان ۾ ملائبو آهي.

ان وٽ راهب يا ڪنگ پريسٽ جو سانچو موجود آهي، جڏهن ته باقي شيون هٿ سان ٺاهيون وينديون آهن، جن کي ٺاهي سُڪڻ لاءِ رکيو ويندو آهي. گرمين ۾ هي هڪ کان ڏيڍ ڏينهن، جڏهن ته سردين ۾ ٻه کان ٽي ڏينهن ۾ سُڪايو ويندو آهي.

### مٽي جا زيور

مٽي مان زيور ٺاهڻ ۽ پائڻ جو رواج ته موهن جي دڙو کان وٺي صديون پُراڻو آهي. ويجهو ئي اهو فيشن هڪ دفعو ٻيهر شروع ٿيو آهي. انڊيا سميت ڪيترن ملڪن ۾ انهن کي ٺاهيو وڃي ٿو. ثمرين سولنگي ٻڌائي ٿي ته " سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ان کي زيور ٺاهڻ جي تربيت ڏياري. ٽن ڏينهن جي تربيت ۾ وڏيڪ مهارت حاصل ڪئي جڏهن ته تربيت ۾ هن سان گڏ 10 ٻيون ڇوڪريون ٻه هيون ۽ ثمرين کي پهرين ئي شوق هو تربيت کان پوءِ هن ان کي پنهنجي ذهن ۾ پکو ڪري ڇڏيو.

هاڻي ثمرين مٽي مان پائڻ لاءِ جُهمڪا، واليون ۽ ٻيا زيور ٺاهي ٿي. هنن زيورن کي ٺاهڻ لاءِ ڪي خاص اوزار ناهن. هڪ ٽٽل ڇُري، بال پوائنٽ جو ڪيس ۽ هڪ باڪس آهي، جنهن سان گولائي وغيره ڪري ٿي. هي سڀ ڪمال ڪنهن اسٽوڊيو يا ڪارخاني ۾ نه پر ڪچي گهر ۽ ان جي آڳر ۾ ٿيندا آهن.

ثمرين ٻڌايو ته "پهريون آئون جُهمڪن جا گهنگهرو ۽ مٽي واري چڪي ٺاهيندي آهيان. ان کان پوءِ هينيون ڪپي ٺاهي ان کي پين سان ڊزائين ٺاهيندي آهيان. ان ٻنهي حصن کي جوڙي سُڪڻ لاءِ رکي ڇڏيندي آهيان. ان کان پوءِ چوپايي مال جا ڇيڻا وجهي پچائيندي آهيان. صبح جو اهي پَڇي تيار ٿي ويندا آهن."

مٽي جي زيورن تي هر طرح جا رنگ ڪيا ويندا آهن. جڏهن ته جهمڪن تي چاندي ۽ سون جو رنگ وڏيڪ مشهور آهي.



## ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

ثمرين جي مطابق پهريون سونهري رنگ لڳائڻ کان پوءِ ان تي ڳاڙهو ۽ سائو رنگ پريو ويندو آهي جنهن سان هي دلڪش نظر اچڻ لڳن ٿا.



### "ڪرونا سوشل ميڊيا جي طرف ڌيان ڇڪايو"

ثمرين سولنگي جي گهر جو داٽو پاٽي موهن جي دڙي اچڻ وارن سياحن سان لاڳاپيل آهي، جيڪي ڪرونا جي سبب ڪري سخت متاثر ٿيا آهن. هوءَ ٻڌائي ٿي ته گرمين ۾ سياح گهٽ ايندا آهن ۽ سردين ۾ گهڻا، مگر ڪُرونا جي ڪري سياحن هيڏانهن جو رُخ ڪرڻ ڇڏي ڏنو، جنهنڪري اسان جون تيار ڪيل مورتيون ۽ مُهرون وغيره وڪرو ڪو نه ٿينديون هيون.

سکر جي طالبہ اقصيٰ شورو ثمرين سولنگي جي مدد ڪئي ۽ ان ڪيس سوشل ميڊيا سان متعارف ڪرايو، جنهن سان ان جي هنر کي پذيرائي ملي ۽ ان کي مٽي جي زيورن جي آرڊر اچڻ لڳا آهن.

### "اسان بابا جا پُٽ آهيون"

ثمرين سولنگي والد جي ان هنر جي بہ وارث آهي. هوءَ ٻڌائي ٿي تہ اهي ڇهہ ڀينر آهن. مگر ڀاءُ ناهي. ڀاءُ جي ڪمي محسوس ٿيندي آهي، ڀاءُ تہ ڀاءُ هوندو آهي. اسان اهو سمجهنديون آهيون تہ اسان بابا لاءِ پٽ آهيون ۽ اسان پٽن وارو ئي ڪم ڪنديون آهيون. بابا کي پٽ جي ڪمي ڪڏهن بہ ناهي ٿيڻ ڏني. پٽ تہ پٽ هوندا آهن، پر ڌيئرن کي بہ ان نظر سان ڏٺو وڃي تہ ڌيئر بہ پٽن وارو ڪم ڪري سگهن ٿيون.

ثمرين جي والد جي طبيعت ٺيڪ نہ رهندي آهي، اهو ڪم ڪار ڪونہ ڪندو آهي. پر ڌيئرن کي ان هنر ۾ هٿ ونڊائيندو آهي. ثمرين ۽ ان جون ڀينر پنهنجي والد جو تمام گهڻو خيال رکنديون آهن. هو صبح سوير اُٿنديون آهن ۽ مٽي مان مورتيون، مهرون تہ ڪڏهن زيور ناهڻ شروع ڪنديون آهن. هڪ جُهمڪي ناهڻ ۾ هڪ ڪلاڪ لڳندو آهي. رنگ روغن سميت في جُهمڪي جي قيمت ٽي سؤ روپيہ آهي. " جيڪا آمدني ٿيندي آهي، ان مان صرف گذارو ئي ٿيندو آهي، ڇو تہ راشن کان علاوه رنگ ۽ بين شين لاءِ پيڪنگ بہ خريد ڪرڻي پوندي آهي" جڏهن مون ثمرين کان پڇا ڪئي ۽ معلوم ڪيو تہ ان جو خواب يا خواهش ڇا آهي؟ تہ ان عادت جي مطابق مسڪرائيندي چيو تہ منهنجي تہ ڪا خواهش ناهي. مگر مون پڇو تہ ڪجهہ تہ هوندي تہ هو هڪ دفعو مُسڪرائي ۽ چيو تہ "آئون صرف گهر وارن ۽ ڀينرن کي خوش ڏسڻ چاهيان ٿي."



***حوالو: هي ڪهاڻي بي بي سي اُردو ڊاٽ ڪام تي جولاءِ27، 2021 تي شايع ٿي. بي بي سي لاءِ هي اسٽوري ۽ ويڊيو ڊاڪيومينٽري جي شڪل ۾ سينيئر صحافي محترم رياض سهيل ۽ محمد نبيل تيار ڪئي. جنهن لاءِ ادارو ٿورو مڃي ٿو.***

***ادارو***

### ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

# عمرڪوٽ جي ڪستوري ڪولهي جنهن جي محنت گهر جي خوشحالي جو باعث بڻي

رياض سهيل

بي بي سي اُردو ڊاٽ ڪام عمرڪوٽ

ڇا توهان نيٽ فليڪس جي ڊرامہ سيريز ”ميڊ“ ڏٺي آهي؟ جنهن ۾ هڪ شادي شده مگر گهٽ تعليم يافتہ عورت گهريلو مُشڪلاتن کان تنگ اچي خود ڪفيل ٿيڻ چاهي ٿي. گهريلو ۽ معاشرتي روڪاوٽن جي باوجود هوءَ پاڻ کي معاشري ۾ مڃائڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿي.

صوبي سنڌ جي ڪستوري ڪولهي جي ڪهاڻي بہ ”ميڊ“ جي مرڪزي ڪردار سان ڪجهہ حد تائين ملندڙ جلندڙ آهي.

ڪستوري جو تعلق ضلعي عمر ڪوٽ تعلقي سامارو جي ڳوٺ لالُو ڪولهي سان آهي. ڪجهہ سال اڳ تائين هوءَ ڳوٺ جي گهڻن ٻين عام عورتن جيان هئي، جن جي زندگي صبح شام زمين ۾ ڪم ڪندي ۽ ٻار سنڀاليندي گذري ٿي. مگر ٻہ سال اڳ ان جي زندگي ۾ تبديلي آئي. ڪستوري ٻڌائي ٿي تہ جڏهن ان جي شادي ٿي تہ ان جو مڙس پريم چند چنگچي رڪشو هلائيندو هو. سواري ملي وڃي تہ گهر ۾ گذر لاءِ پئسہ اچي وڃن نہ تہ مشڪل بڻجي ويندي هئي. اوچتو ڪستوري



# ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

جي مڙس جي طبيعت خراب ٿي وئي ۽ ڊاڪٽرن ٻڌايو ته ان کي گُردن جي پٿري آهي ۽ کيس آرام جو مشورو ڏنو، جنهن ڪان پوءِ گهر جون حالتون وڌيڪ خراب ٿي ويون.

ڪستوري ٻڌائي ٿي ته ”غربت ته پهريون ئي گهر ۾ هئي پر هاڻي ڪڏهن ڪاڏو ملي پيو ته ڪڏهن فاقا. مون سوچيو ته منهنجي ٻُڪايل ٻارن کي ڪير ڪاڏو ڪارائيندو؟ جو نه پنهنجي گهر واري جي توري مدد ڪريان، پڙهي لکي نه هيس، پر سوچيو ماتا راڻي جيڪي اسان کي ٻه هٿ پير ڏنا آهن، انهن سان ئي ڪجهه ڪري ڏيکاريان.“

سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن سنڌ ۾ ڪيترن ئي شعبن ۾ تربيت مهيا ڪري رهي آهي. ڪستوري ٻه تنظيم جي ميمبر ٿي پوءِ ڪپڙن جي سلائي جي هڪ مهينو واري تربيت ورتائين، جنهن بعد گهر گهر وڃي سلائيءَ لاءِ ڪپڙن جا آرڊر وٺڻ شروع ڪيائين.

ڪستوري چواڻي ته جڏهن ان جي بيمار مڙس پهريون دفعو عورتن پاران مليل ڪپڙا سبيل ڏنا هو انهن عورتن کي ڪپڙا ڏيڻ ويو ته ڪيترين ئي عورتن کي ڪستوري جي سلائي پسند آئي ۽ واپسي تي انهن وڌيڪ ڪپڙا سلائيءَ لاءِ ڏئي ڇڏيا.

هوءَ چوي ٿي ته ”ائين مشين هلائڻ سان گڏ اسان جي زندگي جو رُڪيل ڦيٿو ٻه هلي پيو ۽ اسان جي آمدني ۾ اضافو ٿيڻ لڳو.“

ڪستوري پريم چند پنهنجي گهر ۾ هڪ دوڪان ٻه ڪوليو، جتي بغير سلائي وارن ڪپڙن سان گڏ مختلف قسم جا ليس، ڳوٽا ۽ ٻٽڻ وغيره وڪري لاءِ رکيا، جڏهن ته چار کان پنج عورتون صبح کان شام تائين ان دوڪان تي سلائي ٻه ڪنديون آهن.

ڪستوري جو چوڻ آهي، جڏهن گهڻا ڪپڙا اچڻ لڳا ته مون سوچيو ته چو نه گهر ۾ پنهنجو سينٽر ڪولجي. پر ان لاءِ پئسي جي ضرورت هئي. پوءِ مون تنظيم جي اڳواڻ سان رابطو ڪيو ۽ سمورو حال احوال کيس ڏنو ته مان سلائي ڪري رهي آهيان، سلائي لاءِ ڪپڙا ٻه ملن ٿا، مون سوچيو آهي ته گهر ۾ دڪان ڪوليان توهان منهنجي مدد ڪريو ۽ مٿي اداري کان آسان قسطن تي قرض جي سهولت وٺي ڏيو. منهنجي درخواست کي قبول ڪندي، سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن کان 2 لک 90 هزار قرض ورتو، جنهن مان سلائي مشينون خريد ڪيون ۽ پاڙي جي عورتن ۽ هڪ بيوهه عورت کي سلائي جي سکيا ڏني ۽ ائين منهنجو پنهنجو سلائي سيننٽر قائم ٿي ويو.

ميرپور خاص ڊويزن جي ضلعن عمر ڪوٽ، ٿرپارڪر، ميرپورخاص ۽ سانگهر ضلعن ۾ هندو برادري وڏي تعداد ۾ رهي ٿي، جيڪي پنهنجا روايتي گهاگهرا چولي لباس پهريندا آهن.

ڪستوري چواڻي ته مان هندو رسم و رواج جا ڪپڙا گهاگهرا ۽ چولي ناهيندي آهيان. اسان وٽ سانوڻيءَ جي ڏينهن جا ڪپڙا نهندا آهن جيڪي عورتون پائينديون آهن. ان کان علاوه ڏاج ڏيوڻ جا ڪپڙا پڻ سلائي لاءِ ڏنا ويندا آهن. جڏهن ته ڏياري جي ڏينهن جي مناسبت سان فيشن وارا ڪپڙا ٻه ناهيندي آهيان.

ڪستوري ٻڌايو ته سينٽر تي جيڪي ڪپڙا تيار ڪندي آهيان اهي ڪپڙا سندس مڙس موٽر سائيڪل تي ٿر، ميرپورخاص ۽ عمر ڪوٽ تائين وڪري لاءِ ڪٽي ويندو آهي. ڪستوري مطابق 1500 سوءِ کان 5000 هزار تائين ڪپڙا تيار ڪندي آهيان، جنهن مان مهيني ۾ ڏهه هزارن کان پندرنهن هزار

# ڪاميابيءَ جون ڪهاڻيون

آساني سان ڪمائي وٺون ٿا.

۽ سينٽر تي جيڪي عورتون ڪم ڪن ٿيون انهن کي به ٽي کان چار سؤ روزانو آمدني ٿي ويندي آهي، جنهن سان اهي به پنهنجا ٻار ٻچا پالي رهيون آهن.

سامارو جي ويجهو واقع ڳوٺ لالو ڪولهي جي آبادي اڍائي سؤ گهرن تي مشتمل آهي. ان ڳوٺ جا ماڻهو اڄ ڪستوري جا مثال ڏيندا آهن، جڏهن ته اڳ ائين نه هو.

ڪستوري چوي پئي ته ”جڏهن شروع وارن ڏينهن ۾ سلائي سکڻ ويندي هيس ته ڳوٺ وارا چوندا هئا ته خبر ناهي ڪيڏانهن ٿي وڃي صبح صبح لپ اسٽڪ لڳائي!؟ مڙس به تنگ ٿي چوندو هو ته آخر ڪيستائين سکندين.؟“ ڪستوري چوي ٿي ته ” مونکي يقين هو ته آئون سکي وينديس. هاڻ ڳوٺ وارا چوندا آهن ته جيڪو ڪم مرد ٻاهر ڪندا آهن، اهو عورت ڪري ڏيکاريو آهي.“

عمر ڪوٽ ضلعو گذريل برساتن جي ڪري سخت متاثر ٿيو آهي، جنهن ۾ سامارو تعلقو به شامل آهي. جتي زرعي زمين جو وڏو حصو پاڻي هيٺ اچي ويو. جنهن سبب آبادگارن سان گڏ هارين کي به نقصان پهتو. ڪستوري چيو ته جيڪڏهن



مون وٽ هي سينٽر نه هجي ها ته شايد اسين ۽ سينٽر ۾ ڪم ڪندڙ عورتون ڏاڍيو پريشان ٿيون ها، ڇوته بارشن جي ڪري سبزيون به ڏاڍيون متاثر ٿيون آهن.

ڪستوري چواڻي هن وقت ايتري خوشحالي ضرور آئي آهي ته ٻين گهرن ۾ عورتون ڪانيون ٻاري ڪاڏو پچائينديون آهن، پر منهنجي گهر ۾ گئس سلينڊر آهي ۽ منهنجو گهر به صاف سٿرو آهي.

مون قسطن تي موٽر سائيڪل خريد ڪئي آهي، جنهن تي منهنجو مڙس ڪپڙا وڪرو ڪرڻ ويندو آهي ۽ مان خريداري لاءِ بازار به ويندي آهيان. منهنجا ٽي ٻار تعليم به حاصل ڪري رهيا آهن.

پهرين حالات ايترا خراب هئا جو ٻارن کي پيرن ۾ پائڻ لاءِ جُتي به نه هوندي هئي، پر هاڻ مان ڏاڍو خوش آهيان.“

ڪستوري مسڪرائيندي ٻڌايو ته جيڪڏهن منهنجي مڙس جي طبيعت خراب نه ٿي ها ته شايد اسان جا حالتون به ساڳيون هجن ها، ٻک ۽ بيروزگاري گهڻو ڪجهه سيکاريندي آهي، مون کي پاڻ تي يقين هو ۽ اداري جو به گهڻو ساٿ رهيو جنهن منهنجي قابليت جو قدر ڪيو، سکيا ڏنائون، قرض جي سهوليت ڏني پوءِ ته ” مون به پڪو ارادو ڪيو هو ته آئون ڪجهه نه ڪجهه ڪري ڏيکاريندس ۽ مون اهو ڪري ڏيکاريو.“

***حوالو: هي ڪهاڻي بي بي سي اُردو ڊاٽ ڪام تي نومبر7، 2021 تي شايع ٿي. بي بي سي لاءِ هي اسٽوري ۽ ويڊيو ڊاڪيومينٽري جي شڪل ۾ سينيئر صحافي محترم رياض سهيل تيار ڪئي. جنهن لاءِ ادارو ٿورو مڃي ٿو.***

***ادارو***

### ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

# لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سرتيون سنگ

## يونين ڪائونسل وارث ڏنو ماڇي، ضلعو لاڙڪاڻو (سنڌ)

| ضلعو | يونين ڪائونسل | ٺهڻ جي تاريخ | يوسي ۾ ڪل گهراڻا | يو سي ۾ منظم ڪيل گهراڻا |
|---|---|---|---|---|
| لاڙڪاڻو | وارث ڏنو ماڇي | جنوري1، 2021 | 1،911 | 1،524 |
| ڪل پهچ | سي اوز جو تعداد | وي اوز جو تعداد | جنرل باڊي ميمبرن جو تعداد | انتظامي باڊي ميمبرن جو تعداد |
| 80 سيڪڙو | 73 | 13 | 26 | 05 |

لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشن سرتيون سنگ ضلعي لاڙڪاڻي جي يونين ڪائونسل وارث ڏنو ماڇي ۾ 25 ڊسمبر 2018 تي منظم ڪيل 1،524 گهراڻن جي 73 ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) ۽ 13 وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) جوڙي. ايل ايس او سرتيون سنگ جون اڳواڻ عورتون پنهنجي مدد پاڻ، سرسو ۽ سرڪاري ادارن جي سهڪار سان ڳوناڻي ترقي، غربت گهٽائڻ ۽ سماجي-معاشي خود مختياري لاءِ مختلف سرگرمين جي منصوباسازي ڪري عمل ۾ آڻي رهيون آهن. يورپين يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام سنڌ ۾ ٻهراڙي جي عورتن کي تنظيمي مالها ۾ مڙهي طاقتور بڻائي رهيو آهي. منظم ٿيل عورتون پنهنجي حقن بابت جاڳرتا حاصل ڪرڻ جون ڪوششون ڪندي، خدمت مهيا ڪندڙ ادارن ۽ چونڊيل نمائندن کي جوابده بڻائي رهيون آهن ۽ پنهنجي زندگي کي بهتر ڪرڻ خاطر عملي قدم کڻي رهيون آهن.



ايل ايس او يونين ڪائونسل جي مختلف ڳوٺن ۾ سڪسيس پروگرام هيٺ 6 مختلف قسم جي ڪميونٽي تعميراتي ڍانچي جون اسڪيمون حاصل ڪيون ۽ ڪاميابي سان مڪمل پڻ ڪرايون آهن. جن جي ڪل لاڳت 3،793،209 روپيا آهي ۽ ان مان 353 گهراڻا عملي طور فائدو حاصل ڪري رهيا آهن.

2019 سال ۾ ضلعي جي تعلقي رتوديرو ۾ موضي مرض ايچ آءِ وي پکڙجڻ جو واقعو پيش آيو. حڪومت جي صحت کاتي علائقي ۾ مرض ۾ ورتل فردن جي اسڪريننگ، صحت جون سهولتون ۽ متاثر خاندانن کي راشن ڏيڻ جو فيصل ڪيو تہ

### پنهنجي مدد پاڻ ۽ سرڪاري ادارن جي سهڪار سان ڪيل اهم ڪاميابيون

1. 67 شڪي ڪيسن جي اسڪريننگ ڪرائي ۽ برج ڪنسلٽنٽ فائونڊيشن جي مدد سان 15 ايچ آءِ وي پازيٽو ڪيسن جي نشاندهي ڪئي ۽ لاڳاپيل گورنمينٽ ڊپارٽمينٽ سان رابطو ڪرايو ويو.
2. ڪرونا وبا بابت جاڳرتا سيشن منعقد ڪيا ويا ۽ ٽيسٽون ڪرائڻ ۾ سهولتڪاري مهيا ڪئي وئي.
3. 24 اهل گهراڻن کي ڊرپ ايريگيشن ۽ ڪچن گارڊننگ ڪٽس مهيا ڪيون ويون.
4. 100 ڪميونٽي ادارن جي ميمبرن کي صحت کاتي جي سهڪار سان موبائل هيلٿ سروس ذريعي مدد مهيا ڪئي وئي.
5. 408 ڪميونٽي ميمبرن کي نادرا موبائل وين ذريعي قومي سڃاڻپ ڪارڊ ٺهرائڻ ۾ مدد ڪئي وئي.
6. ايل ايس او ڳوٺاڻي تنظيمن جي ڳوٺن ۾ 300 وڻ ۽ 200 ميويدار وڻ لڳرايا ويا.
7. 111 ميمبر تنظيمن جي بئنڪ اڪائونٽ کولڻ ۾ سهولتڪاري مهيا ڪئي وئي.

# ڪميونٽي ادارا: هڪ تعارف

مقامي انتظاميہ جي درخواست تي ايل ايس او کي متاثر خاندانن کي چونڊ ڪرڻ واري ڪاميٽي ۾ شامل ڪيو ويو.



اهڙيءَ طرح ايل ايس او اهو ڪم مقامي انتظاميہ ۽ وليج آرگنائيزيشنس سان گڏجي متاثر خاندانن جي نشاندهي ڪري راشن ورهايو.

ورلڊ بئنڪ جي مالي مدد سان هلندڙ (SIAPE) منصوبي هيٺ ايل ايس او ڪچن گارڊننگ لاءِ 42 غريب گهراڻن جي چونڊ ڪئي ۽ ڊرپ ايريگيشن سسٽم ۽ KG ڪٽ مهيا ڪئي. ايل ايس او غريب گهراڻن کي ڪٽ جي صحيح استعمال ۽ سنڀال ڪرڻ ۽ ڪيئن هڪ سُٺي ڪچن گارڊننگ لڳائي صحتمند خوراڪ پيدا ڪجي بابت رهنمائي پڻ ڪئي



ايل ايس او سڪسيس پروگرام جي ڪميونٽي اويئرنيس ٽول ڪٽ تي جاڳرتا ويهڪن ذريعي ڳوٺاڻن ۾ وڻڪاري جي اهميت ۽ فائدن تي سجاڳي پيدا ڪئي ۽ فيصلو ڪيو تہ يونين ڪائونسل جي سيني ڳوٺن ۾ وڻ لڳايا ويندا. ان لاءِ ابتدائي طور تي 500 ٻوٽا ورتا ويا ۽ وليج آرگنائيزيشنس جي مدد سان ڪميونٽي ۾ ورهائي لڳايا پڻ ويا.



ايل ايس او يونين ڪائونسل جي چيئرمين سان رابطو ڪيو ۽ کين راضي ڪيو تہ غريب گهراڻن کي سولر پئنلز ڏنا وڃن.ايل ايس او پنهنجي رڪن وي اوز جي مدد سان 60 غريب ترين گهراڻن جي چونڊ ڪئي ۽ يو سي چيئرمين وٽ جمع ڪرائي. پهرين مرحلي ۾ 15 غريب گهراڻن کي سولر پئنلز ڏياريا ويا آهن

يونين ڪائونسل وارث ماڇي جي عورتن کي شناختي ڪارڊ نهرائڻ لاءِ ايل ايس او پاران جاڳرتا مهم هلائي وئي ۽ ان جي نتيجي ۾ يوسي جي سيني ڳوٺن ۾ وڏي پئماني تي عورتن ڪارڊ نهرائڻ شروع ڪيا. غريب عورتن جي سهولت خاطر فيصلو ڪيو تہ نادرا جي موبائل رجسٽريشن وين گهرائي ڳوٺن اندر ئي عورتن کي ڪارڊ نهرائي ڏجن. ان بعد نادرا عملدارن سان ملي درخواست ڏني وئي. اهڙيءَ طرح يوسي جي پري وارن ڳوٺن مان 408 عورتن جا ڪارڊ نهرايا ويا.




## يورپين يونين جي مالي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ ڪيل اهم ڪاميابيون

1. **4،694،393** روپين جو ايل ايس او پاران سي آءِ ايف جو انتظام
2. **10،604،600** روپيا سي آِ ايف جو قرض 621 غريب گهراڻن ۾ ورهايو ويو، جيڪي اهل گهراڻن 1135 (55 سيڪڙو) مان آهن.
3. **144** غريب ترين گهراڻن جيڪي ڪل 170 اهل گهراڻن (65 سيڪڙو) مان آهن، کين 1،818،500 روپين جي انڪم جنريٽنگ گرانٽس جو فائدو ڏنو ويو.
4. **399** غريب ترين گهراڻن ۽ 2،398 فردن کي مائڪرو هيلٿ انشورنس مهيا ڪئي وئي.
5. **54** عورتن ٽيڪنيڪل - ووڪيشنل اسڪلز ٽريننگ حاصل ڪئي.
6. **06** ڪميونٽي فزيڪل انفراسٽرڪچر جون اسڪيمن تي عمل درآمد ڪرايو ويو.

**پيو رُخ**

# پائدار ترقي جا مقصد ۽ سنڌ

*عُروسہ کٽي (مئنيجر لائيزان ۽ ڪوآرڊينيشن)*
*سرسو ڪراچي آفيس*

پائدار ترقي جو مقصد يعني اهڙي ترقي جنهن جا نتيجا ديرپا هجن ۽ نہ صرف انساني زندگي تي ان جا سٺا اثر پون، پر ماحول ۾ پڻ بهتري اچي ۽ سمنڊ جي اندر رهندڙ جيوت ۽ ماحول بہ متاثر نہ ٿين. هي مقصد گڏيل قومن جي اداري 2015ع ۾ اختيار ڪيا هئا. هن کي حاصل ڪرڻ جو خاص مقصد اهو آهي تہ سڄي دنيا جو ڌيان ان ڳالهہ تي ڏيارجي تہ اسان گڏجي دنيا مان غربت ۽ ناانصافي جو خاتمو آڻي سگهون، قدرتي ماحول جو بچاءُ ڪريون ۽ دنيا ۾ امن قائم ڪري سگهون. اسان جو ملڪ پاڪستان بہ انهن ملڪن ۾ شامل آهي جنهن کي پائدار ترقي جا مقصد حاصل ڪرڻا آهن.

پائدار ترقي جي مقصدن جو ڪل تعداد سترهن آهي. جيڪي هن ريت آهن، غربت جو خاتمو، سٺي صحت، معياري تعليم، صنفي برابري، صاف پاڻي، صفائي سٿرائي، سستي ۽ بهتر توانائي، مناسب ڪم، معاشي ترقي، صنعت، جدت ۽ انفرااسٽرڪچر، اڻ برابري کي گهٽائڻ ۽ پيداوار، ماحولياتي تحفظ، پاڻي اندرموجود جيوت ۽ زمين تي رهندڙ زندگي، امن، انصاف ۽ مضبوط ادارا ۽ انهن سورهن مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ آخري ۽ سترهون مقصد آهي شرڪت (پارٽنرشپ). جنهن جي ذريعي انهن سترهن مقصدن کي



2030ع تائين حاصل ڪرڻ جو عهد ڪيو ويو آهي.

انهن سترهن مقصدن کي دنيا جي 193 ملڪن سرڪاري طور تي اختيار ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڪستان، انڊيا، افغانستان، ايران، چائنا، نيپال، بنگلاديش، سري لنڪا، عراق، ازبڪستان، قطر، اومان، ٿائيلينڊ، آفريڪي ملڪ شامل آهن. مطلب تہ اسان جا سڀ پاڙيسري ملڪ ترقي جي انهي ڊوڙ ۾ شامل آهن. 2030ع ۾ ڏسنداسين تہ پاڪستان يا اسان جي پاڙيسري ملڪن ڪيتري بهتري آندي آهي.

بنيادي طورتي هي هڪ اهڙو ڍانچو يا رهنمائي ڪندڙ دستاويز آهي جنهن سان هر ملڪ پنهنجي حالتن، ماحول ۽ موقعن کي سامهون رکندي منصوبہ سازي ڪري سگهي ٿو ۽ گڏوگڏ پنهنجون ترجيحون طئہ ڪرڻ ۽ مالي وسيلا پڻ فراهم ڪرڻ جو تعين ڪري سگهي ٿو. پائدار ترقي جو اصل مقصد دنيا مان غربت، بک ۽ بدحالي ۽ ناانصافي جو خاتمو آڻڻ آهي. جيئن تہ اسان سڀني کي خبر آهي تہ دنيا جي هر ملڪ ۾ ڪجهہ ماڻهو انتهائي پئسي وارا ۽ خوشحال زندگي گذارين ٿا. پر دنيا جي ڪيترن ملڪن ۾ اڪثريت غريب ماڻهن جي آهي، جن وٽ کائڻ لاءِ هڪ وقت جي ماني ۽ پيئڻ جوصاف پاڻي بہ ميسر ناهي. انهن غريب ماڻهن جي حالت کي بهتر ڪرڻ لاءِ هي پائدار ترقي جا مقصد ترتيب ڏنا ويا آهن. ان کان پهرين اقوام متحده ملينيم ڊولپمينٽ گولز اختيار ڪيا هئا، جيڪي تقريبن پندرهن سالن اندر حاصل ڪرڻا هئا. پر جيڪڏهن پاڪستان جي ڳالهہ ڪريون تہ ڪا خاطرخواهہ ڪارڪردگي نہ هئي. اهڙي صورتحال کي ڏسي ڪڏهن ائين لڳندو آهي تہ دنيا جي سڀني غريب ۽ مظلوم طبقن کي خوش ڪرڻ جا هي نوان نوان طريقا اختيار ڪيا ويا آهن ۽ دنيا جا

# پيو رُخ

استحصال کنڌ فرد ۽ ملڪ سڀ گڏ ۽ متفق آهن.

پاڪستان اهو پهريون ملڪ آهي جنهن جي پارليامينٽ متفقہ طور تي قرارداد پاس ڪري پائدار ترقي جي مقصدن کي اختيارڪيو آهي. تنهن کان پوءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ اينڊ اسپيشل انيشيٽو وفاقي وزارت پاران صوبائي سطح تي يونٽ جوڙيا آهن. اهي يونٽ سنڌ، پنجاب، خيبرپختونخواه، بلوچستان، گلگت بلتستان، آزاد جمون ۽ ڪشمير ۾ قائم ڪيا ويا آهن. جنهن جي ذميواري آهي تہ انهن سترهن پائدار ترقي جي مقصدن جي حاصلات لاءِ جاکوڙ ڪن.

جڏهن سنڌ صوبي جي ڪارڪردگي جي ڳالهه ڪجي تہ بين الاقوامي ترقياتي اداري جي سهڪار سان جولاءِ 2016ع ۾ سنڌ اسيمبلي جي ميمبرن تي مشتمل هڪ ٽاسڪ فورس جوڙي وئي هئي، جنهن جو ڪنوينر سنڌ اسيمبلي جو ميمبر پيرمجيب الحق هو. انهي کان علاوه مئي 2017ع ۾پائدار ترقي جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پلاننگ اينڊ ڊولپمينٽ بورڊ هڪ سپورٽ يونٽ پڻ قائم ڪيو. چونڊيل صوبائي اسيمبلي جي نمائندن جو ٽاسڪ فورس ناهڻ جو مقصد اهو هو تہ عوامي نمائندن کي عوام جي مسئلن متعلق گهڻي معلومات آهي ۽ پائدار ترقي جي مقصدن کي بهتر انداز ۾ عمل درآمد بہ ڪرائي سگهجن ٿا. انهي ڏس ۾ سنڌ جي ٽاسڪ فورس ۽ سپورٽ يونٽ ڪافي گڏجاڻيون ۽ ڪانفرسز ڪيون آهن ۽ مختلف وقتن تي پنهنجي ڪارڪردگي پيش ڪندا رهيا آهن.

جيڪڏهن اسان جائزو وٺون تہ سنڌ ۾ غربت، بک ۽ بدحالي، بيروزگاري، ماحولياتي تبديلين جا نقصانڪار اثر، معياري تعليم، صحت جون سهولتون ۽ پيئڻ جو صاف پاڻي تمام وڏا ۽ اهم مسئلا آهن. انهن مسئلن جي ڪري عوام جي زندگي روزبروز خراب ٿيندي ٿي وڃي. ٿر واري علائقي ۾ تازن ڄاول ٻارن ۽ مائرن جي موتگي يا وري خودڪشي جا واقعا پڻ روز جو معمول بڻيل آهن. اها سڄي صورتحال تمام ڳڻتي جوڳي آهي. سنڌ حڪومت پائدار ترقي جي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جيڪو نظام سال 2016ع کان جوڙيو آهي انهي جي آڌار تي تجزيو ڪجي تہ ڪارڪردگي ڏيکارڻ جي ضرورت آهي. سنڌ صوبي جي ٽاسڪ فورس ۽ يونٽ جي ٽيم کي تمام گهڻي محنت ۽ سچائي سان ڪوشش ڪرڻ جي اشد ضرورت آهي

ساڳئي صورتحال وري تعليم جي شعبي ۾ پڻ نظراچي ٿي. جيڪي ٻار پرائمري پاس ڪن ٿا انهن لاءِ ڳوٺ جي ويجهو مڊل يا هاءِ اسڪول ناهي. جيڪي اسڪول هلي رهيا آهن، انهن ۾ پاڻي ۽ ليٽرين ناهن يا وري استعمال جهڙا ناهن. اهو ٽاسڪ فورس ۽ يونٽ في الحال تہ يو اين ڊي پي جي تعاون سان هلي رهيو آهي پر جڏهن اها امداد ختم ٿيندي تہ ڇا سنڌ گورنمينٽ اهڙي منصوبہ سازي ڪئي آهي جو انهي ڪم کي جاري رکي سگهجي ۽ 2030ع تائين ٿورو ئي پر بهتر نتيجا حاصل ڪري سگهجن. ڇا صوبائي سطح تي جوڙيل هي ادارو مقامي سطح تي ۽ ڳوٺن ۾ بهتري آڻي سگهندا يا ضلعي ۽ تعلقي سطح تي پڻ اهڙا ادارا جوڙڻ جي ضرورت آهي تہ جيئن عام ماڻهن جي رسائي ۽ انهن جي مسئلن کي حقيقت جي بنياد تي حل ڪري سگهجي. انهي ڏس ۾ مقامي حڪومتون پڻ اهم ڪردار ادا ڪري سگهن ٿيون.

سنڌ حڪومت ۽ انهي ٽاسڪ فورس جي ٽيم کي هڪ ڳالهه سمجهڻي پوندي تہ عوام جي شموليت بغير ڪا بہ ترقي پائدار نٿي ٿي سگهي. تنهن ڪري اهو تمام ضروري آهي تہ هر يونين ڪائونسل، تعلقي ۽ ضلعي ۾ نوجوانن جا گروپ تيار ڪيا وڃن ۽ انهن جي مقامي سطح تي ڄاڻ جو حق، سماجي چڪاس (سوشل آڊٽ) ۽ جوابدهي جي موضوعن تي تربيت جو انتظام ڪيو وڃي تہ جيئن جيڪي فنڊ ضلعن ۽ تعلقن ڏانهن اماڻيا وڃن ٿا ۽ استعمال ٿين ٿا انهن جي بهتر سال سنڀال ڪري سگهجي.

***(پيو رخ سلسلي شروع ڪرڻ جو مقصد ترقي، غربت، ترقياتي ادارن ۽ ان سان لاڳاپيل بين موضوعن، بنيادي سببن، ڪردار ۽ للڪارن کي سمجهڻ ۽ ان تي بحث ۽ ڳالهه ٻولهه جو آغاز ڪرڻ آهي. ان ڪري ان ۾ شامل تحريرون ليکڪن جا ذاتي خيال ۽ راءِ هوندي آهي. ان سان سرسو جو متفق هجڻ ضروري ناهي. ادارو)***

## پئنل انٽرويو

**نالي واري ترقياتي ماهر ۽ پاڪستان ۾ سوشل انٽر پرائيز ڊولپمينٽ شعبي جي واڌ ويجھ لاءِ اڳواڻي وارو ڪردار ادا ڪندڙ ۽ ميرا مان (پرائيويٽ) ليميٽڊ جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر**

# شهناز ڪپاڊيا راحت جو انٽرويو

انٽرويو پئنل: زبير سومرو ۽ علي انور آزاد
سرسو هيڊ آفيس سکر

**شهناز ڪپاڊيا راحت : هڪ تعارف**

*شهناز ڪپاڊيا راحت 30 سالن جو پروفيشنل تجربو رکي ٿي. پاڻ موثر، پائدار ۽ وڏي سطح تي سماجي-معاشي ترقي جي واڌ ويجھ لاءِ منصوبا جوڙڻ ۽ عمل ۾ آڻڻ ۾ خاص دلچسپي ۽ تجربو رکي ٿي. پاڪستان کان علاوه دنيا جي مختلف ملڪن ۽ ڪلچرن ۾ ڪم ڪيو آهي جهڙوڪ: افغانستان، بنگلاديش، ڪئنيڊا، چين مصر، ايران، انڊيا، ڪينيا، ڪرغستان، فلپائين، سينيگال، سائوٿ سوڊان، ٿائلينڊ، ترڪي ۽ يوگنڊا. جڏهن ته مختلف قسم جي سرڪاري ادارن ۽ پروگرامن، ملڪي ۽ بين الاقوامي غير سرڪاري تنظيمون، يو اين ادارن، ڪنسلٽنٽ ۽ رورل سپورٽ پروگرامز ۾ اعلي انتظامي ۽ مشاورتي سطحن سان لاڳاپيل رهي. گذريل 8 سالن کان پاڻ ميرا مان (پرائيويٽ) ليميٽڊ جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر (سي اِي او) طور ڪم ڪري رهي آهي. پاڻ هڪ ترقياتي ڪمپني طور امپاورمينٽ ٿرو ڪريئيٽوِ اينٽيگريشن (اِي سي آءِ) جو 1989 ع ۾ بنياد وڌو ۽ ان کي هڪ عورت انٽرپرائيز کان وچيلو سطح جي تربيت ۽ مشاورتي ڪمپني بڻايو ۽ 24 سال (1989-1993) ان اداري جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر رهي. اداري پاران پوري پاڪستان ۾ مختلف وفاقي، صوبائي ۽ مقامي حڪومتن، بين الاقوامي ترقياتي تنظيمن جي هزارين اسٽاف ۽ فائدو حاصل ڪندڙن کي مختلف موضوعن جهڙوڪ: مائڪرو انٽرپرائيز ڊولپمينٽ، صنف، حق ۽ مقامي حڪومت تي جامع تربيتون ڪرايون.*

*ان کان علاوه پاڻ سينيئر گروپ هيڊ گرانٽس پاڪستان*



*پاورٽي ايليوئيشن فنڊ (2013-2015)، ڪيپسٽي ڊولپمينٽ ايڊوائيزر ڊيسينٽرلائيزڊ سپورٽ پروگرام ايشين ڊولپمينٽ بئنڪ (2003-2005)، ايسوسيئٽ يونيورسٽيليا اوٽاوا ڪئينڊا ( 2000-2001)، مئنيجر ٽريننگ آغا خان يونيورسٽي هاسپيٽل ( 1998-2000)، پروگرام اسپيشلسٽ يو ايس ايڊ ڊوپلمينٽ سپورٽ ٽريننگ پروجيڪٽ (1985-1988) ۽ ليڪچرار انسٽيٽيوٽ بزنس ايڊمنسٽريشن ڪراچي (1982-1985) طور پڻ ڪم ڪيو آهي.*

*ڪيس گهٽ ۽ اڻپڙهيل فرد توڙي تجربيڪار ماهرن ۽ آفيسرن جي لاءِ تربيتي نصاب ۽ ماڊيول ڊيزائن ڪرڻ ۾ مهارت حاصل آهي. ان ڪري پاڻ تربيتي ماڊيول، ليڊ ٽرينرز جي تربيت، ماسٽر ٽرينرز ۽ نگراني، جائزي ۽ تجزيي جو نظام جوڙڻ جو تجربو ۽ مهارت رکي ٿي.*

## پئنل انٽرويو



*پاڻ مختلف قسم جو تربيتي ۽ ڪميونيڪيشن مواد پڻ تيار ڪيوآهي. جنهن ۾ ماڊيولز ۽ مينوئلز، ٽي وي ۽ ريڊيو پروگرامز ۽ آن لائين سکيا طور استعمال ٿيندڙ ريسورسز شامل آهن .ڪيس صلاحيت سازي جي منصوبن جي نگراني ۽ تجزيي جو پڻ وسيع تجربو ۽ مهارت آهي.*

تازو محترمہ شهناز ڪپاڊيا جو سرسو سکر هيڊ آفيس اچڻ ٿيو سندس اچڻ جو فائدو وٺي هي انٽرويو سرسو سنڌي ميگزين لاءِ ورتوسين. اميد ٿا ڪريون تہ سرسو جون ڪميونٽيون ۽ لاڳاپيل ذريون خاص طورتي ڪاروبار ڪندڙ عورتون، سرسو جي ڪميونٽي ادارن ۽ ٽيم جي ساٿين ڪي انٽرويو مان ڄاڻ ۽ رهنمائي ملندي. سرسو هن وقت انٽرپرائيز تي ڌيان ڏئي رهي آهي ۽ انٽرپرائيز ڊولپمينٽ تي هڪ جامع حڪمت عملي جوڙي ڪم ڪي بهتر ڪرڻ جو رٿيو آهي. محترمہ شهناز ڪپاڊيا پاڪستان جي انهن فردن ۾ شامل آهي، جن کي ان خاص شعبي ۾ وڏي مهارت، ڄاڻ ۽ تجربو آهي. اسان ڪيس سرسو اچڻ تي پليڪار چئون ٿا ۽ ٿور مڃيون ٿا جو پنهنجي قيمتي وقت مان ڪجهہ گهڙيون ڏنيون.

سرسو سنڌي ميگزين ۾ هي هڪ نئون سلسلو شروع ڪيو ويو آهي جنهن ۾ خاص شعبن ۾ مهارتون ۽ تجربو رکندڙ شخصتن جا انٽرويو ڪري سندن خيال، تجربا ۽ ڄاڻ سرسو ڪميونٽين ۽ ادارن تائين پهچايا ويندا.

***انٽرويو پئنل: توهان سنڌ اچي ڪيئن محسوس ڪيو ٿا؟***

**شهناز ڪپاڊيا** I love Sindh. آئون ڪراچي ۾ ننڍپڻ گذاريو آهي. منهنجي والدين جو واسطو گجرات (انڊيا) سان آهي .اهو پورو خطو آهي، جنهن ۾ ڪافي cultural similarities آهن. ان ڪري آئون جڏهن بہ سنڌ ايندي آهيان تہ اهو ئي احساس ٿيندو آهي تہ آئون پنهنجي ئي گهر ۾ موٽي آئي آهيان. سنڌ جي مٽيءَ ۾ پنهنجي خوشبو آهي، جيڪا مونکي وري وري ڇڪي وٺي اچي ٿي. هينئر تہ آئون اسلام آباد ۾ رهان ٿي. مگر جڏهن بہ سنڌ ايندي آهيان خاص طور تي ڀهراڙي ۾ جتي اجان بہ ساڳو ڪلچر، ماحول ۽ ڪاڏو آهي اهڙو پاڪستان ۾ ڪٿي بہ ناهي.

***انٽرويو پئنل : ڪاروباري ذهن Business Mind Set ڇا آهي ۽ انجون خُصوصيتون ڪهڙيون آهن؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** توهان اهم سوال ڪيو آهي. توهان ڪاروباري ذهن Mind Set جي ڳالهہ ڪئي آهي. اهو جيڪو لفظ ”ڪاروباري ذهن“ آهي ان کي ڏاڍو Negative سمجهيو ويندو آهي. ماڻهو اڪثر چوندا آهن ادا ان جو ذهن تہ ڪاروباري آهي. هي تہ Exploit ڪندو. مگر ائين ناهي. ڪاروباري ذهن اهو ذهن آهي ۽ جنهن ماڻهو ۾ اهو ذهن آهي ان ۾ ڪجهہ صلاٗحيتون هونديون آهن، جيڪي ٻين کان ڪجهہ بهتر هونديون آهن. هو اصل ۾ هڪ خود مختيار انسان هوندو آهي.

پهرين صلاحيت پهريون قدم کڻڻ آهي. اهو ڪنهن جو انتظار ناهي ڪندو. نوڪري وارو ماڻهو انتظار ڪندو آهي تہ باس ڪجهہ چوندو تہ پوءِ هي ڪندس. مگر ڪاروباري ذهن وارو پهريون قدم کڻي وٺندو آهي. ڇو تہ ان جي پنيان يا مٿان ڪير ڪونہ هوندو آهي. جيڪو هن کي ڪو حڪم ڏئي.

ٻئين صلاحيت موقعي مان فائدو کڻڻ آهي. ان جو مطلب ٻين لاءِ ڪڏون ڪوٺڻ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو موقعو آهي تہ ان کي حاصل ڪرڻ گهرجي. موقعا تہ هر جڳهہ تي موجود هوندا آهن، توهان پهريون قد کڻو ۽ ان کي حاصل ڪريو. آئون جيڪڏهن هي تربيت ڪرائڻ وارو ڪم اڄ ڇڏيان تہ ڪو بہ ڪم ڪري سگهان ٿي. ۽ هڪ ڏينهن بہ بيروزگار نہ ويهي رهندس

ٽيون ڪاروباري ذهن وارا فرد persistent هوندا آهن. ڪا بہ ٿوري گهڻي تڪليف پيش اچي تہ ان جو حل ڳولهين ٿا. ۽

# پئنل انٽرويو



اڳتي وڌي وڃن ٿا. اهي روئي ڪري هڪ هنڌ ويهي نٿا رهن. اصل ۾ اهي وقت تي فيصلو ڪندڙ ۽ مستقل مزاج هوندا آهن.

چوٿين خاصيت واعدي مطابق ڪم پورو ڪرڻ. ڪاروباري ماڻهو پلي مري رهيا هجن پر ڪم پورو ڪندا آهن، اهي پنهنجي Commitment ۽ زبان کي نڀائين ٿا. ڇو جو ڪاروبار ۾ زبان جي ساک سڀ کان اهم هوندي آهي. ڪاروباري ذهن وارن جي اها هڪ اهم خوبي آهي. جڏهن ته نوڪري ڪرڻ وارن وٽ Excuses گهڻا هوندا آهن. ڪاروباري فرد بهانا ڪونه ڪن. اهي Sorry ڪن ٿا يا پاڻ تي ذميداري کڻي ڪم ڪري ڇڏين ٿا.

پنجين خاصيت گهٽ وقت ۾ گهڻو ۽ بهتر ڪم ڪرڻ آهي. گهٽ وقت ۽ گهٽ خرچ limited resources ۾ڪم جا عادي هوندا آهن. انهن کي وڏي فڪر هوندي آهي ته جيڪڏهن بن لائيٽن ۾ ڪم ڪري سگهجي ٿو ته ٽئين لائيٽ ڇو ٻري. توڙي جو هو گهڻو ڪمائي رهيا هوندا آهن. اهو هڪ ڪاروباري ذهن آهي.

ڪاروباري ذهن اهو به چاهيندو آهي ته Systematic Planning هجي. ڪاروباري ذهن اهو به ڪندو آهي ته ڪو به فرد چاهي اهو رڪشي يا بس ۾ توهان سان گڏ سفر ڪري ٿو اهو توهان کي ڪجهه نه ڪجهه سيکاري وڃي ٿو. هر فرد توهان جي ڪاروبار واري Network جو حصو بڻجي سگهي ٿو.

***انٽرويو پئنل : ڪاروبار طرف ماڻهن کي ڪيئن آڻي سگهجي ٿو؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** منهنجو والد ڪاروبار ڪندو هو ان جا دوست ڪاروبار ڪندڙ هئا ۽ منهنجي اک ان ماحول ۾ کولي. ان ڪري منهنجي لاءِ ڪو ڪاروبار ڪرڻ ايترو مشڪل نه هو. آئون سمجهندي آهيان ته هڪ ڪاروبار ڇا آهي ۽ اهو ڪيئن شروع ڪري سگهجي ٿو؟ جيڪڏهن ڪو ڪاروباري ماحول مان ناهي جيئن اسان جون ڪميونٽيون آهن. جيڪڏهن اهي ڪاروبار ڪرڻ جا عادي ناهن يا هاري آهن. هارين لاءِ اهو هوندو آهي ته اهي فصل پوکي ڇڏين ٿا پوءِ وينا رهن ٿا ۽ فصل تيار ٿئي ته پوءِ لاپارو ڪن انهن کي ڪاروباري ذهن طرف وني اچڻ، مائل ڪرڻ ۽ ڪاروبار ۾ Comfortable ڪرڻ اها ذهن جي تبديلي آهي

اسان تربيتي ورڪشاپن ۾ شرڪتڪارن کي سيکاريون ٿا ته هڪ Social mobilization ٿيندي آهي ۽ ٻئي Economic mobilization يا Mobilization for economic development آهي. اها مُعاشي تحرڪ بنيادي طور ماڻهن جي ذهن کي تبديل ڪرڻ جو نالو آهي ۽ ڪاروباري صلاحيتون اجاگر ڪرڻ آهي. جيڪڏهن هڪ دفعو اها اُجاگر ٿي وئي ته پوءِ يقين ڪريو جيڪي نوڪري ڪن ٿا اهي پنهنجي نوڪري ڇڏي به ڪاروبار طرف ايندا.

***انٽرويو پئنل : ڪاروبار جي تربيت ڪهڙيءَ طرح صلاحيت وڌائي ٿي؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** آئون مثال ڏيان ٿي ته اسان تربيتون ڪرائيندا آهيون ۽ ڪاروبار تي تربيت 6 يا 7 ڏينهن جي هوندي آهي. تازو اسان سکر ۽ ملتان ۾ 240 عورتن جي Enterprise Development تي ورڪشاپ ڪيا آهن. توهان کي خبر آهي ته عورتون عام طور تي مارڪيٽ سان لهه وچڙ ناهن ڪنديون، انهن جو ذهن اهو هوندو آهي ته ڪو آرڊر آيو ته اسان ڪنداسون. پر اسان ڪين سمجهايو ۽ سيکاريو ته توهان پهريون قدم کڻو. مارڪيٽ وڃو جائزو وٺو، موقعن جي نشاندهي ڪريو ۽ انهن مان فائدو حاصل ڪريو. پهرئين ڏينهن اسين ڪاروبار جا سڀ بنيادي تصور واضع ڪريون ٿا ۽ آخري ڏينهن تي اهي سڀ قابل عمل ڪاروباري منصوبا

## پئنل انٽرويو



جوڙي ڏيکارين ٿيون.

***انٽرويو پئنل : توهان ڪافي عرصي کان پوري پاڪستان ۾ ترقي جي شعبي ۾ ڪم ڪيو آهي. توهان ان جي مختلف علائقن ۾ ان عرصي ۾ ڪهڙو فرق ۽ تبديلي ڏٺي آهي.؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** مونکي ترقي جي شعبي ۾ ڪم ڪندي 33 سال ٿي ويا آهن. انهن 33 سالن ۾ پاڪستان جي سڀني صوبن ۾ تبديلي ڏٺي آهي. جيڪڏهن آئون گلگلت بلتستان کي ڏسان ٿي جتي آئون پهريون دفعو 1989ع ۾ ويس ته ان وقت مون ڏٺو ته صورتحال ڏاڍي پوئتي پيل هئي. اتي آغا خان رورل سپورٽ پروگرام (AKRSP ) ڪم ڪري رهيو هو. اتي غربت جي صورتحال ڏاڍي خراب هئي، جنهن کي آئون بيان نٿي ڪري سگهان ۽ هاڻي جڏهن آئون ڏسان ٿي ته literally زمين ۽ آسمان وارو فرق آهي. اتي تعليم جي صورتحال بهتر ٿي آهي، گهر سطح تي آمدني ۾ اضافو ٿيو آهي. هاڻي اتي آمدني وڌائڻ جا پروگرام (Income Generating Programmes) ڪونه ٿا هلن پر Growthجا ڪم ٿي رهيا آهن.

آئون وري جڏهن خيبرپختون خواه کي ڏسان ٿي جتي مون 1989-1990 ۾ ڪم ڪيو هو. اتي به تبديلي واضع نظر به اچي ٿي. ترقي جي ڪم سبب ڪافي ڪلچرل تبديلي به آئي آهي. آئون فاٽا وارن علائقن جي ڳالهه ڪو نه ٿي ڪيان.

پنجاب جي آئون ڪهڙي ڳالهه ڪيان اها ته توهان سڀ ڄاڻو ٿا. ڏکڻ پنجاب ۾ صلاحيت سازي تي ڪافي ڪم ٿيو آهي. هتي Human Resources Trainers ۾ ڪافي سيڙپ ٿي آهي جيڪا به واضع ڏسي سگهجي ٿي. مون آزاد ڄمون ڪشمير ۾ ايترو ڪم ناهي ڪيو جنهن ڪري آءُ ڪجهه ڪو نه ٿي چئي سگهان.باقي جيستائين بلوچستان ۽ سنڌ جو تعلق آهي اتي اڃان ڪم ڪرڻ جي تمام گهڻي گنجائش ۽ ضرورت آهي.

***انٽرويو پئنل : توهان جي تجزيي مطابق سنڌ ۾ ڪهڙي ڪم جي گنجائش يا ضرورت وڌيڪ آهي؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** سڀ کان وڏو شعبو معاشي خومختياري (Economic Empowerment) جو ئي آهي. ماشاءَ الله سنڌ جا ماڻهوسياسي طور باشعور آهن. مون سنڌ جي ٻهراڙي ۾ به ماڻهن ۾ سياسي شعور ڏٺو آهي، اهي پنهجن مسئلن تي ڳالهائين ٿا. اصل ۾ معاشي خودمختياري جو ئي مسئلو آهي ۽ ان ئي شعبي ۾ ڪم ڪرڻ جي گهڻي گنجائش آهي. ان جا به ٿي سبب آهن. هڪ ته هتي Economic Empowerment جي حوالي سان هڪ ٿيڻ جي ضرورت آهي يا هڪ vision ڪٿي هلڻ جي ڳالهه آهي. اها مون ادارن ۾ به ناهي ڏٺي. جيڪڏهن سڀ ادارا گڏجي ڪم ڪن پوءِ ته ان حوالي سان گهڻي تبديلي اچي سگهي ٿي. جيئن ٻين صوبن ۾ ٿيو آهي. هتي جيڪي ادارا ڪم ڪري رهيا آهن اهي Individual ڪري رهيا آهن. انهن کي گڏجي Enable Environment جي حوالي سان ڪم ڪرڻ جي ضرورت آهي، ته جيئن ڪاروبار ڪرڻ لاءِ سازگار ماحول جوڙي سگهجي.

هڪ بنيادي ڪارڻ ڪميونٽي جون Expectations آهن. بدقسمتي سان اهو رويو ٻٽيل موجود آهي. ڪميونٽي سمجهي ٿي ته ڪو اچي اسان کي ڏيندو ۽ اهو ٿي به رهيو آهي ۽ بيشڪ حڪومت هجي يا ڪو پروگرام يا NGO هجي اهو ئي ڪري رهيا آهن. هتي جيڪا Self-sufficiency هوندي آهي ته اسان ڪري سگهون ٿا اها Orientationهيٺين سطح تي وڃي تبديل ڪرڻ جي ضرورت آهي. اها سوچ پاڪستان جي سڀني صوبن ۾ هڪجهڙي آهي.

***انٽرويو پئنل : اهو ڪلچر آخرڪار ڪيئن تبديل ڪري سگهجي ٿو؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** مان مڃيا ٿي ته ڪميونٽي Innocent آهي. مگر جيڪي پروگرام ڊزائين ڪندا آهن هي خيال انهن کي هجڻ گهرجي. مطلب جڏهن ڪو پروگرام Design and implement

## پئنل انٽرويو

ڪيو تہ توهان ان جي Exist ۾ پائداري جو بہ سوچي ڪريو. توهان اهو سوچو تہ جڏهن 4 يا 5 سالن ڪانپوءِ توهان نہ هوندا تہ پوءِ اهو سڀ ڪيئن ۽ ڪير ڪندو. جيئن اسان پنهنجن ٻارن لاءِ سوچيندا آهيون..انهن کي پڙهائيندا آهيون، وڏو ڪندا آهيون، انهن کي سٺن تعليمي ادارن ۾ داخل ڪرائيندا آهيون، تربيت ڪندا آهيون تہ جيئن اسان ڪانپوءِ وڏا ٿي ڪري هڪ باوقار زندگي گذاري سگهن. عوام، ادارن ۽ رياست جو رشتو بہ ايئن هجڻ گهرجي.

***انٽرويو پئنل : توهان جي نظر ۾ آخرڪار ان جو حل ڪهڙو آهي.؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** ان جو Solution اهو آهي تہ اسان جڏهن ڪو پروگرام ڊزائين ڪيون تہ اهڙيءَ طرح ماڻهن کي سيڪاريون جو هو نہ صرف پنهنجي علائقي، ضلعي، ملڪ بلڪہ ٻاهرين ملڪن تائين رابطاڪاري ڪري پنهنجي Economic Empowerment حاصل ڪري سگهن. اهي نہ صرف پاڻ کي پنهنجن پيرن تي بيهارين گڏوگڏ ٻين کي بہ مدد ڪري سگهن. جيستائين اسان اهو پنهنجي پروگرامن ۾ Inject نہ ڪنداسون تيستائين اهو ئي ٿيندو رهندو.

مونکي خوشي ٿي آهي تہ گورنمينٽ جا هڪ بہ پروگرام اهڙا آهن جنهن ۾ اهو change آيو آهي. انهن جي Thinking ۾ تبديلي آئي آهي. هاڻي اهي بہ هر وقت ڏيڻ جي ڳالهہ نٿا ڪن. ائين بہ ناهي حڪومتن کي نہ ڏيڻ گهرجي. ضرور ڏيڻ گهرجي جيڪڏهن ڪجهہ تمام پوئتي پيل گهراڻا آهن انهن کي ضرور مدد ڪرڻ گهرجي. ليڪن انهن کي بہ اهڙي طرح سپورٽ



ڪرڻ گهرجي ۽ ڪين اهو چيو وڃي اڄ هي توهان جي مدد ڪري رهيا آهيون جيڪڏهن توهان ۾ تبديلي آئي ۽ توهان پاڻ بہ ڪجهہ ڪيو تہ اڳتي بہ مدد ڪبي نہ تہ ڪا بہ مدد نہ ڪئي ويندي. ڪنفيوشس جو مشهور قول آهي تہ If you give a man fish he will be not hungry for a day, but if you teach a man how to catch fish he will not hungry for life time

ان جي ڪري اسان گهٽن جي سوچ اها آهي تہ اسان انهن کي مڇي ڏينداسون تہ اسان وٽ ايندا ۽ جيڪڏهن پڪڙڻ سيڪارينداسون تہ اهي اسان وٽ نہ ايندا. ان ڪري اهي خيرات جو ڪم جاري رکيو اچن. توهان سوچو تہ اهو هڪ وڏو سبب آهي.

***انٽرويو پئنل : توهان سرسو جي ڪم ۾ ايريا ڪان چڱي طرح واقف آهيو توهان جي خيال ۾ ڪاروبار جي حوالي سان ڪهڙا ۽ ڪيترا موقعا آهن ۽ سرسو کي ان لاءِ ڇا ڪرڻ گهرجي؟***

**شهناز ڪپاڊيا:** ڪاروبار جي حوالي سان جيستائين موقعن جو تعلق آهي تہ جيڪا شيءِ مارڪيٽ ۾ وڪرو ٿيندي ان جي ئي ضرورت هوندي. ڪڏهن ڪنهن هڪ جي گهرج آهي تہ ڪڏهن ڪنهن ٻئي شيءِ جي. ٻيون اهو تہ توهان جو علائقو، ضلعو يا صوبو توهان جو مارڪيٽ ناهي رهيو. مارڪيٽ تہ پورو پاڪستان ۽ دنيا آهي. انڪري مارڪيٽ جي ڄاڻ هجڻ، سڄاڻپ هجڻ، مارڪيٽ جي Demand مطابق Produce ڪرڻ ۽ اهو ذهن رکڻ تہ جيڪڏهن اڄ توهان ڪجهہ وڪرو نہ ڪري رهيا آهيو تہ ڪو ٻيو بہ نہ ڪندو آهي، پر مارڪيٽ ۾ هر وقت ڪجهہ نہ ڪجهہ وڪرو ٿيندو رهندو آهي.

ڪجهہ وقت اڳ اسان سکر ۾ ئي سروي ڪئي هئي. هتي مصري ڪڪڙيون وڪرو ٿي رهيون آهن ۽ اسان ان جي ڊيلر کان پڇا ڪئي، جيڪوسکر جو وڏو ڊيلر آهي جيڪو ريٽيلرزکي بہ ڏيئي ٿو. توهان ان جي جنس ۾ آنو ڪٿا خريد ڪيو ٿا؟ تہ ان چيو سائوٿ پنجاب کان گهرايون ٿا. سوال اهو آهي تہ ڇا اهو اسان هتي پاڻ نٿا پيدا ڪري سگهون.؟ توهان Develop ڪري سگهو ٿا

ڳالهہ اها تہ مارڪيٽ تبديل ٿيندي رهي ٿي. جيڪڏهن آئون چوان تہ هتي چوپايي مال جي ڊيماند آهي، پولٽري جي آهي،

## پئنل انٽرويو

ڪپڙي ۽ فرنيچر جي آهي. تعمير جي شعبي ۾ جن شين جي ضروت آهي انهن جي آهي . ڳالهہ اها آهي تہ ضرورت ان ڳالهہ جي آهي تہ سکر، خيرپور يا لاڙڪاڻي ۾ ڪميونٽي سطح تي ماڻهن کي ڪهڙيءَ طرح شامل ڪجي، انهن جي سمجهہ کي اجاگر ڪجي تہ جيئن اهي ان Demandکي سجاڳيندي پنهنجي production ڪن.

هي جيڪوConnection آهي ان کي مضبوط ڪرڻ جي ضرورت آهي. هاڻي اهو ڪير ڪندو؟ ڪميونٽي کي تہ خبر ناهي جيڪڏهن انهن کي خبر هجي تہ اڳ ۾ ئي پاڻ ڪري ها. ڪميونٽي کي اها خبر ناهي تہ پوءِ ڪنهن کي تہ Develop ڪرڻو پوندو،جيڪي ماڻهو ان ڪميونٽي سان ڪم ڪري رهيا آهن. معاشي خومختياري Economic Empowerment جي حوالي سان جيستائين انهن ۾ سمجهہ نہ ايندي تيستائين اهي اڳتي ڪيئن ڪم ڪري سگهندا . ڪميونٽي کي Guide ڪريو ان جو مطلب اهو آهي تہ توهان جو جيڪو اسٽاف آهي ان ۾ اها صلاحيت هجڻ گهرجي ۽ ان کي اها خبر هجي تہ ڪميونٽي کي ڪهڙي ڄاڻ هجي. ان حساب سان ڪميونٽي جي صلاحيت وڌائي.

سرسو superb آهي، اها منهنجي پسنديده تنظيمن مان هڪ آهي نہ صرف ان جي مئنيجمينٽ سٺي آهي، اهي دل ۽ سوچ سان ڪم ڪن ٿا ۽ ڪميونٽي کي وڏي Respect ڏين ٿا. اها تمام سٺي ڳالهہ آهي. مگر سرسو ڪميونٽي ۽ ان جي گذر بسر جي وچ ۾ هڪ Intermediary Organization آهي. انڪري سرسو لاءِ مارڪيٽ سان بہ ايترو ئي Strongly Connect هجڻ کپي جيترو ڪميونٽي سان آهي. هاڻي اهو جيڪو مارڪيٽ Connect آهي ان کي سمجهڻ ۽ پورو ڪرڻو آهي. ان ڪري اسان جيڪو سرسو لاءِ ورڪشاپ ڪرايو آهي ان جو عنوان ئي SRSO - Community Connect رکيو. ڇو جو تہ سرسو ۽ ڪميونٽي جو تعلق تمام مضبوط آهي، مگر سرسو تہ Intermediaryآهي اها پاڻ تہ خود ڪو ڪم ڪندي ڪونہ . اها تہ ڪميونٽي کي ايترو Equip ڪندي جو ڪميونٽي پنهنجن پيرن تي اچي، Independent هجي ۽ Sustain ڪري وجي ۽ Economically Empowered ٿي وڃي. انڪري ان کي ڇا ڪرڻ گهرجي جو سرسو ۽ ڪميونٽي جوجيڪو Connect آهي، ٻئي طور سرسو مارڪيٽ سان Connect ڪري انهن ٻنهي کي پاڻ ۾ Connect ڪري ڇڏي ۽ Bridge بڻجي وڃي. سرسو هڪ برج وارو ڪردار ادا ڪري هڪ طرف ڪميونٽي تہ ٻئي طرف مارڪيٽ.

مارڪيٽ ڪميونٽي ۾ ڇو ويندو.؟ مارڪيٽ لاءِ تہ مون مثال ڏنو تہ اهو پنهنجي Demand سائوٿ پنجاب يا ڪراچي مان گهرائي پوري ڪندو. ان کي ڪهڙي ضرورت آهي. ضرورت تہ اسان کي آهي نا. ان ڪري اسان جي ڪميونٽي مارڪيٽ تائين پهچ يا رساي حاصل ڪري.ان ڪري اسان کي مارڪيٽ کي محسوس ڪرائڻو پوندو تہ اسان جي ڪميونٽي جي لائيو اسٽاڪ تمام سٺو آهي توهان ان ڪا ڇو ڪونٽا وٺو. توهان جي ڪميونٽي جي ويجهو شهرن ۾ ڪيترا وڏا هوٽل آهن، جن کي روزانو 10 کان 20 ٻڪرا گهرج ۾ هوندا آهن.اهي توهان جي ڪميونٽي کان وٺي ڇو ڪونہ سگهن ٿا. توهان صرف ان ڪميونٽي کي ايترو تيارڪيو جو اها مارڪيٽ جي گهرج ۽ معيار مطابق اهي ٻڪر تيار ڪن ۽ مهيا ڪن ۽ توهان انهن هوٽلن سان انجو link ڪرايو بس. هوٽل توهان جي ڪري ها ڪندو ۽ پوءِ ڪميونٽي جي ڪم کي ڏسي Continue ڪندو Economic empowerment ڪا راڪيٽ سائنس ناهي بس توهان کي ٻنهي Sidesکي ملائڻو آهي. ان ۾ توهان جو هڪ Connect تہ تمام گهڻو Strong ٻئي Connect کي مضبوط ڪريو ۽ پاڻ ۾ انهن ٻنهي کي Connect ڪرايو.



سرسوءِ ميڊيا

# سرسو پاران ڪيل اهم سرگرمين ۽ حاصل ڪاميابين بابت شايع ٿيل/نشر ڪيل خبرون (جنوري - ڊسمبر 2021)

*ڪراچي (مئي 20، 2021)* هڪ متاثر ڪندڙ ڪارڪردگي! هزارين عورتون پيشوارنه تربيتون حاصل ڪري هنرمند ٿي زراعت، مڇي فارم، دوڪانداري ۽ ٻيا ڪاروبار ڪري رهيون آهن. اها مکيه اسٽوري دنيا ٽي وي جي مشهور پروگرام ڪامران خان شو جي آهي، جيڪا مئي 20، 2021 تي نشر ٿي. تفصيل موجب ڪامران خان شو پاران سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ غربت گهٽائڻ جي پروگرام هيٺ ڳوناٺي عورتن ڪي معاشي طور سگهارو ڪرڻ ذريعي غربت جي خاتمي لاءِ ڪوشش ڪي منظر عام طور تي آڻڻ لاءِ خاص اسٽوري تيار ڪئي وئي جيڪا دنيا ٽي وي جي مشهور تحقيقي رپوٽنگ ڪندڙ صحافي محترم اختيار کوکر مختلف ضلعن جهڙوڪ: ٺٽو، بدين، ميرپورخاص، خيرپور ۽ لاڙڪاڻو وزٽ ڪري تيار ڪئي. اسٽوري ۾ انهن ضلعن ۾ سرسو پاران هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) ۾ سڪسيس پروگرام



هيٺ عورتن جي ڪارباري ترقياتي گروپن (Business Development Groups-BDGs) پاران ڪاميابيءَ سان هلندڙ ڪاروبارن ۽ ڪاروباري عورتن بابت تفصيل ڊاڪيومينٽري ۽ تجزيو ۾ ڏيکاري وئي آهي. جنهن ۾ عورتون پاڻ ٻڌائين ٿيون ته ڪئين اهي سرسو - سنڌ حڪومت جي مدد سان ڪاروباري گروپ جوڙيا، ڪاروبار سوچيا، پلان ڪيا ۽ عمل ۾ آٽي رهيون آهن. گڏوگڏ درپيش ايندڙ رڪاوٽن کي ڪيئن منهن ڏنو. شو جي ميزبان محترم ڪامران خان متاثر ڪندڙ انهن عورتن جي ڪاميابين ۽ سرسو جي ڪوشش جو تجزيو ڪندي چوي ٿو "اهي عورتن ڪيترن ئي مسئلن جي با وجود حقيقي طور تي غربت جي خاتمي لاءِ جنگ ڪري رهيون آهن ۽ ڪاميابي ماڻي رهيون آهن."



# سرسوءِ ميڊيا

***لاڙڪاڻو ( مئي 17، 2021):*** فريده مهر لاڪاڻي شهر جي مشهور شاهي بازار جي اڪيلي عورت دوڪاندار آهي. اها ڪيئن اتي پهتي ۽ ڪاروبار ڪري مثال قائم ڪيو آهي. ان جي ڪامياب ڪهاڻي ڪي بي بي سي اُردو ڪالم ۽ ڊاڪيومينٽري جي شڪل ۾ رڪارڊ ڪري مئي 17، 2021 تي منظر عام تي آندو آهي. سرسو پاران يورپين يونين جي سهڪار سان هلندڙ سڪسيس پروگرام هيٺ تربيت يافته محترمہ فريده مهر پنهنجي ڪهاڻي ۾ ٻڌائي ٿي تي ان جو اهو سفر آسان نہ هو. بي بي سي پنهنجي اسٽوري ۾ فريده جي ذاتي، گهريلو ۽ ڪاروباري زندگي جي سيني اهم پهلوئن تي بهترين طريقي سان بيان ڪيو آهي. جنهن ۾ پاڻ ٻڌائي ٿي ڪيئن هڪ ننڍڙي ڳوٺ ۾ رهندي سرسو جي ترقياتي سرگرمين جو حصو بڻي، رضاڪار طور ڪم ڪيو، تربيت حاصل ڪئي، ڪاروباري گروپ ناهي عورتن جي معاشي بهتري لاءِ ڪوششون ڪيون ۽ گهر، ڳوٺ ۽ برادري جي مخالفت جي با وجود آخرڪار شهر ۾ ڪاروبار شروع ڪري هڪ مثال قائم ڪيو. بي بي سي لاءِ هي اسٽوري سينيئر صحافي محترم رياض سهيل ڪئي آهي.




***سکر (جون 21، 2021):*** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن ۽ سکر آءِ بي اي يونيورسٽي وچ ۾ گڏيل ياداشت نامي تي صحيح ڪرڻ جي تقريب ٿي گذري. پروفيسر ڊاڪٽر سيد مير محمد شاهه وائيس چانسلر سکر آءِ بي اي يونيورسٽي ۽ محمد ڏتل ڪلهوڙو چيف ايگزيڪيٽو آفيسر سرسو ياداشت نامي تي صحيحون ڪيون. صحيحن جي هي تقريب سرسو هيڊ آفيس سکر ۾ منعقد ڪئي وئي. ياداشت مطابق ٻئي ادارا پنهنجي تجربن، سکيا ۽ تحقيق جي حوالي سان هڪ ٻئي جي مدد ڪندا ۽ ان لاءِ صلاحيت سازي، تحقيق ڪرڻ، ڪامياب ڪهاڻيون لکڻ، انٽرشپ، آخري سال جي پروجيڪٽن ۽ بين شعبن ۾ سهڪار وڌائيندا تہ جيئن ترقي ۽ ڪميونٽي خدمت ۾ بهتر طور ڪم ڪري سگهجي.



***سکر (اپريل26، 2021):*** ڳوٺاڻي ترقي ۽ غربت جي گهٽتائي لاءِ جدوجهد ڪندڙ اداري سرسو پاران ڪرونا وبا خلاف جنگ جاري آهي. سرسو وبا خلاف عوامي سجاڳيءَ سان گڏوگڏ عملي اپائن ذريعي بہ ڪم ڪري رهي آهي. ان حوالي سان اداري پاران شڪارپور ۽ لاڙڪاڻي ضلعن ۾مارڪيٽن، اسڪولن ۽ اسپتالن ۾ 106 هٿ ڌوئڻ جو عوامي اسٽيشنون قائم ڪيون ويون. جيڪا هڪ اهم ڪاميابي آهي. اهي ڳالهيون سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن جي چيف ايگزيڪيٽو آفيسر

# سرسو ۽ ميڊيا




محترم محمد ڏتل ڪلهوڙو پنهنجي هڪ بيان ۾ ڪيون آهن. سي اِي او سرسو جي بيان مطابق ”سرسو پنهنجي سڀ کان پراڻي ۽ اهم ساٿي اداري آر ايس پي اين جي سهڪار سان سنڌ جي ٻن ضلعن لاڙڪاڻي ۽ شڪارپور ۾ ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ ايڪو جي هيومينٽيرين امپليمينٽيشن پلان (هپ) تحت مختلف سرگرميون شروع ڪيون آهن. جنهن جو مکيہ مقصد ڪرونا وبا جي روڪ لاءِ احتياطي اُپائن بابت عوامي جاڳرتا ۽ روين ۾ تبديلي پيدا ڪرڻ آهي“ هن چيو تہ ڪرونا وبا خلاف هلندڙ جنگ ۾ ڪاميابي لاءِ عوام ۾ سجاڳي، سماجي روين ۾ تبديلي، عملي احتياطي اُپائن ۽ ويڪسين ڪرائڻ جي سخت ضرورت آهي. ان ڪري ان جي خاتمي تائين اسان سڀني کي پنهنجو پنهنجو ڪردار ادا ڪرڻو پوندو. وبا جي روڪ لاءِ ڪميونٽي ادارن جو ڪردار بہ اهم آهي. انهن جي شرڪت ۽ سهڪار سان خاص طور تي هيٺين سطح تي اثرائتي طريقي سان ڪم ڪري سگهجي ٿو.



**گهوٽڪي (پهرين سيپٽمبر 2021):** سنڌ حڪومت پاران سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سان غريب ترين گهراڻن مان غربت گهٽ ڪرڻ ۽ عورتن کي سماجي ۽ معاشي طور سگهارو ڪرڻ جي مقصد سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي ) کي سکر ۽ گهوٽڪي ضلعن ۾ شروع ڪرڻ جي افتتاحي تقريب گهوٽڪي ۾ ٿي گذري. پ پ پ چيئرمين محترم بلاول ڀٽو زرادري ۽ وزيراعلي سنڌ سيد مراد علي شاھ افتتاحي تقريب جا خاص مهمان هئا. جڏهن تہ سنڌ جي مختلف ضلعن کان آيل 4،000 هزارن کان وڌيڪ ڳوٺاڻين عورتن شرڪت ڪئي ۽ مختلف ڪميونٽي ادارن جي عورت اڳواڻن پنهنجا خيال ۽ تجربا ونڊيا.

# سرسوءِ ميڊيا







***موهن جو دوڙو (جولاءِ 27، 2021) :*** "موهن جو دڙو جي آڻي ثمرين سولنگي جيڪا مٽيءَ کي "سون " بڻائي ڇڏي ٿي.ثمرين سولنگي موهن جي دڙي ويجهو ڳوٺ حاجي لال بخش شيخ ۾ رهائش پذير آهي، هوءَ مٽيءَ مان صديون پراڻي موهن جي دڙي مان نڪتل مورتين کي نئين سري سان زيور ناهي ٿي ۽ ڪاروبار ڪري ٿي. هن وڏي مهارت سان هن ۾ جدت آڻي پراڻي هنر کي ٻيهر سنواريو آهي. سرسو ثمرين کي يورپين




يونين جي مالي مدد سان هلندڙ سڪسيس پروگرام تحت زيورن جي تياري تي هنري سکيا ڪرائي ۽ ان جي ڪم کي ڪاروباري شڪل ۾ وڌائڻ لاءِ مدد ڪئي. بي بي سي اُردو لاءِ هي اسٽوري ۽ ويڊيو ڊاڪيومينٽري سينيئر صحافي محترم رياض سهيل ۽ محمد نبيل تيار ڪئي آهي.

***عمر ڪوٽ (نومبر4، 2021):*** سرسو ڀهراڙي جي عورتن کي پائدار جياپي لاءِ مدد فراهم ڪري سگهارو بڻائي رهيو آهي.اهڙي ڪامياب ڪهاڻي عمر ڪوٽ ضلعي جو ڪستوري پريم چند جي آهي، جنهن کي بي بي سي اردو رڪارڊ ڪئي ۽ دنيا کي ڏيکاري آهي. بي بي اسٽوري جو عنوان " عمر ڪوٽ جي ڪستوري ڪولهي جنهن جي محنت گهر جي خوشحالي جو باعث بڻي" آهي. ڪستوري ڳوٺ لالو ڪولهي تعلقي سامارو ضلعي عمر ڪوٽ ۾ رهي ٿي. هوءَ سرسو



# سرسوءِ ميڊيا

گهٽائڻ جو پروگرام (پي پي آر پي) تحت سلائي جي هنري سکيا حاصل ڪري گهر ۾ سلائي جو ڪم شروع ڪيو ۽ سرسو کان بغير وياج قرض ڪٽي ڪپڙي جو دڪان کوليو بعد ۾ ٻين عورتن کي شامل ڪري سلائي جو مرڪز قائم ڪري روزگار پڻ ڏنو. اهڙيءَ طرح پنهنجي ۽ ٻين غريب عورتن جي معاشي حالت بهتر ڪيائين. بي بي سي اُردو لاءِ اها اسٽوري ۽ ڊاڪيومينٽري محترم رياض سهيل تيار ڪئي آهي.

***خيرپور (سيپٽمبر 12، 2021):*** سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو) سنڌ حڪومت جي سهڪار سان عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام Peoples’ Poverty Reduction Program-PPRP) ) هلائي رهي آهي. پروگرام سماجي تحرڪ ذريعي ڪميونٽي ادارن جي قيام کان علاوه گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير، ڪاروبارن جي ترقي، هنري سکيا ۽ ٻيون سرگرميون عمل ۾ آڻي رهيو آهي پروگرام کي ڀهراڙيءَ ۾ غربت گهٽ ڪرڻ ۽ عورتن کي سماجي ۽ معاشي خومختيار بڻائڻ جو هڪ ماڊل طور مڃي هر سطح تي ساراهه وڃي ٿو. ان جو هڪ مثال تازو شايع ٿيل ٻه مضمون آهن جيڪي ملڪ جي مُعتبر انگريزي اخبارن دي نيوز ۽ ايڪسپريس ٽريبيون ۾ شايع ٿيا آهن. پهريون مضمون ملڪ جي نالي واري معاشي ماهر ۽ سابق چيف اڪنامسٽ آف پاڪستان محترم ڊاڪٽر پرويز طاهر تحرير ڪيو ۽ جيڪو روزاني دي نيوز ۾ سيپٽمبر 12، 2021 تي شايع ٿيو آهي. مضمون جو عنوان آهي Housing for rural people آهي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب سرسو پاران سنڌ حڪومت جي تعاون سان ڀهراڙي جي غريب ترين خاندانن کي گهٽ لاڳت گهرن جي تعمير کي هڪ بهترين ماڊل قرار ڏنو آهي ۽ چيو ته ان ماڊل تي عمل ڪندي پوري ملڪ جي بي گهر خاندانن لاءِ گهر تعمير ڪري سگهجن ٿا. ڊاڪٽر صاحب هي مضمون خيرپور ۾ تعمير ٿيل گهرن کي وزٽ ڪرڻ، سرسو ۽ فائدو حاصل ڪندڙن سان ملڻ کان پوءِ تحرير ڪيو. جڏهن ته ٻيو ليک سينئر صحافي محترم سرفراز ميمڻ لکيو آهي. هي مضمون ايڪسپريس ٽريبيون ۾ ڊسمبر 21، 2021ع تي Taking Charge of the Futuresجي عنوان سان شايع ٿيو. هن مضمون ۾ خيرپور ضلعي جي ڳوٺ انب شريف جي صابل خاتون جي ڪهاڻي بڌائي وئي آهي. جنهن سنڌ حڪومت جي سهڪار سان هلندڙ عوام جي غربت گهٽائڻ جو پروگرام )پي پي آر پي) جي ذريعي هنري سکيا ورتي، ڪاروباري ترقياتي گروپ جوڙي ۽ آڏاٽي تي ڪيس ۽ ٻيون شيون ٺاهي ڪاروبار ڪري رهي آهي.






# سرسوءَ ميڊيا

***لاڙڪاڻو ۽ قمبر- شهدادڪوٽ ( سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 2021)***

سرسو رورل سپورٽ پروگرامز نيٽورڪ (آر ايس پي اين) جي شراڪتداري ۾ يورپين يونين جي مالي سهڪار سان لاڙڪاڻي ۽ قمبر- شهدادڪوٽ ۾ سڪسيس پروگرام عمل ۾ آڻي رهي آهي. پروگرام عورتن جي سماجي تحرڪ ۽ ڪميونٽي ادارن جي قيام ذريعي عورتن کي سماجي-معاشي طور سگهارو ڪرڻ لاءِ مختلف عملي سرگرميون ڪري رهيو آهي. پروگرام جي ٽن اهم ڪاميابين جون ڪهاڻيون سرسو سڪسيس پروگرام جي ٽيم ميمبرن عنبرين سرور چانڊيو، ثمينه برڪت علي ۽ اقصيٰ تحريم تحرير ڪيون ۽ مشهور انگريزي آن لائين ميگزين سنڌ ڪوريئر ۾ سيپٽمبر ۽ آڪٽوبر 2021 ۾ شايع ٿيون. پهرين ڪهاڻي Enjoy Sindhi Foods, Have the Taste of Civilization جي عنوان سيپٽمبر 18، 2021ع تي شايع ٿي. هي ڪامياب ڪهاڻي مائي حاڪم زادي جي آهي، جنهن موهن جي دڙي تي سنڌي کاڌن جو اسٽال هلائي ڪاروبار ڪري ٿي. هي ڪهاڻي عنبرين سرور چانڊيو تحرير ڪئي آهي. ٻيو ليک Against all odds, the upper Sindh's women are on the move جي نالي سان آڪٽوبر 28، 2021ع تي شايع ٿيو. جيڪو اقصيٰ تحريم تحرير ڪيو آهي. هن مضمون ۾ سڪسيس پروگرام تحت ڪميونٽي سطح تي ڪميونٽي، ڪميونٽي ادارن ۽ ڪاروباري ترقياتي گروپن جي عورتن لاءِ منعقد ٿيندڙ مختلف تربيتن ۽ انهن جي طريقڪار، سڪيا ۽ سامهون آيل اثرن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. جڏهن ته ٽيون ليک ثمينه برڪت علي تحرير ڪيو آهي ۽ 31 آڪٽوبر، 2021 تي Story of a Humble Heroine of Sindh جي نالي سان شايع ٿيو. هي ڪهاڻي بنيادي طور يوسي وارهه، تعلقو نصير آباد ضلعي قمبر-شهدادڪوٽ سان واسطو رکندڙ مائي عجيبه جي آهي. جنهن قرض ڪٽي ڪاروبار شروع ڪيو. ڪهاڻي ۾ مائي عجيبه ٻڌائي ٿي ڪهڙي طرح هن پهريون قرض ڪٽي ڪاروبار ڪيو ۽ ڪاروبار کي وڌايو ۽ گهر جي ذميداري نڀائي رهي آهي.



ڪم جي پُهچ

# سنڌ رورل سپورٽ آرگنائيزيشن (سرسو)

## ڪم جي پُهچ ۽ ڪاميابين جو نچوڙ (ڊسمبر 2021)

### سرسو جي پُهچ

| عنوان | ڊسمبر 2020 | ڊسمبر 2021 |
|---|---|---|
| ضلعن جو تعداد | 15 | 15 |
| تعلقن جو تعداد | 86 | 86 |
| يونين ڪائونسلن جو تعداد | 722 | 722 |
| ڳوٺن جو تعداد | 15,664 | 16،396 |
| مُنظم ڪيل گهراڻن جو تعداد | 1,269,274 | 1،366،966 |

### ڪميونٽي ادارن جو تعداد

| عنوان | ڊسمبر 2020 | ڊسمبر2021 |
|---|---|---|
| ڪميونٽي آرگنائيزيشنس (سي اوز) جو تعداد | 72،962 | 76،360 |
| وليج آرگنائيزيشنس (وي اوز) جو تعداد | 13.010 | 13،741 |
| لوڪل سپورٽ آرگنائيزيشنس (ايل ايس اوز) جو تعداد | 522 | 581 |

### مائڪرو فنانس مان فائدو حاصل ڪندڙ


| عنوان | ڊسمبر 2020 | ڊسمبر 2021 |
|---|---|---|
| انڪم جنريٽنگ گرانٽ (آءِ جي جي) | 36,186 | 41،375 |
| ڪميونٽي انويسٽمينٽ فنڊ (سي آءِ ايف ) | 237,252 | 214،470 |
| مائڪرو ڪريڊٽ پروگرام | 776,580 | 848،733 |

### انساني وسيلن جي ترقي

| عنوان | ڊسمبر 2020 | ڊسمبر 2021 |
|---|---|---|
| هنري مهارتن جي تربيت حاصل ڪندڙ ڪميونٽي ميمبر | 74,929 | 92,704 |
| انتظامي مهارتن جي تربيت حاصل ڪندڙ ميمبر | 364,042 | 383,542 |
| روايتي دائين جي تربيت | 4,777 | 4,777 |

### اهم پروگرام/خدمتن مان فائدو حاصل ڪندڙ

| عنوان | ڊسمبر 2020 | ڊسمبر 2021 |
|---|---|---|
| مائڪرو هيلٿ انشورنس (ايم ايڇ آءِ) | 898,080 | 998,459 |
| ڪميونٽي تعميراتي اسڪيمون | 26،886 | 27,195 |
| سي پي آئيز مان فائدو حاصل ڪندڙ گهراڻا | 278،405 | 302,808 |
| گهٽ قيمت گهرن جو تعداد | 23،016 | 24,374 |
| ورهايل پولٽري سيٽس جو تعداد | 20،921 | 25,500 |
| ورهايل/پوڪيل وڻن جو تعداد | 857،540 | 902,602 |
| ڪچن گارڊننگ جو تعداد | 18،878 | 18،878 |



Jacobabad
Kashmore
Shikarpur
Ghotki
Qambar Shahdadkot
Larkana
Sukkur
Dadu
Naushahro Feroze
Khairpur
Banazirabad
Sanghar
Matiyari
Jamshoro
Tando Allahyar
Hyderabad
Mirpurkhas
Umarkot
T.M Khan
Karachi
Badin
Tharparkar
Thatta
Sijawal
SRSO-MF
Equine Welfare
UCBPRP (M)
DAF PAK
Pro-People
UCBPRP (M)
MF
SAS
NPGP
PM-IFL
NPGP
DAF PAK
PM-IFL
SRSO-MF
UCBPRP (M)
AALTP
SAS
Equine Welfare
PINS-ER II
PINS-ER III
Pro-People
JICA FHBWS
SRSO-MF
PINS-ER-II
PINS-ER-III
SRSO-MF
SUCCESS
DAF PAK
SUCCESS
SRSO-MF
Equine Welfare
PINS-ER-II
PINS-ER-III
Equine Welfare
SRSO-IFL
SRSO-MF
USAID-Hub School
JICA - FHBWS
SRSO-MF
SRSO-MF
SRSO-IFL
USAID-Hub School
SRSO-MF
SRSO-IFL
PPRP
JICA - FHBWS
SRSO-MF
SRSO-MF
PPRP
SRSO-MF
PPRP
Pro-People
PPRP
PPRP
PPRP

# سنڌ رورل سپورٹ آرگنائیزیشن

سرسو کامپلیکس،شکارپور روڈ،سکر (سنڌ)
فون 071-56271820 فیکس 071-5627182-111
ویب سائیٹ www.srso.org.pk